آمڙ جو عقص

ڪملا ٻٽاڻي

اَمڙ جو عڪس

(ڪهاڻيون)

ڪملا ٻٽاڻي

پنڪج پبليڪيشن
اجمير

تعارف



ڪملا ٻتاڻيءَ جي ڪهاڻين جو پنجون گل دستو 'امڙ جو عقص' اسان جي هٿ ۾ آهي.

هن جي ڪهاڻي سنگرهہ جون ڇپيل رچنائون آهن:- ١. پرائي درد جو احساس-١٩٨۴، ٢. هڪ ٻيو مسيها- ١٩٨٧، ٣. نئين زندگي-١٩٩٥، ۴. انسانيت جي راهہ-١٩٩٩، ٥. امڙ جو عقص-هن سال

هن جي سيني رچنائن ۾ ناريءَ جي وجود لاءِ اُڌما ۽ زماني جي هلندڙ وقت جي رفتار سان نواڻ پڻ شامل آهي. هن جون ڪهاڻيون سماج جي اوڻاين ۽ تنگ دليءَ جي
پردافاش ڪري پاٺڪن کي هر سوال جي جواب ڳولهڻ جي جڳياس
پريرڻا سان گڏ ناريءَ جي جاڳرتيءَ لاءِ خاص آواز اُٿارڻ ۽ اڳتي و
جي پريرڻا جو سنديش ڏين ٿيون.

ڪملا جون ڪهاڻيون آڪاش واڻي جئپور تان بہ پرسارت ٿينديو
رهنديون آهن ۽ هن کي سنڌي اڪادمين طرفان انعام بہ عطا ڪيا
آهن. جيڪي ليکڪا جي من جي ترق، جوش ۽ جذبو بيان ڪ
ٿيون. ليکڪا جي من ۾ سماج جي سڌاري، ناري پاترن ڏانهن اني
کي تڙي ڪڍڻ جي احساس کي قلم جي طاقت سان زلزلو اُٿار
جاڳرتي ڦهلائڻ ۽ نيايہ جي ناراضيءَ ۾ توري سون وانگر ڪسوٽيءَ ت
ڪرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان هن جي ساهتيہ ڏانهن چاه
لاڙو ۽ لگن ڏسي هن کي داد ٿو ڏيان هڪ سني گرهڻيءَ سان گڏ ه
هڪ سڦل ليڪچرار بہ رهي آهي، تہ بہ ليکڪا جو پارٽ سڦلتا س
نباهيندي ٿي اچي. مان هن جو هم سفر هن جي قدم سان ق
ملائي هلڻ ۾ سدا هن سان گڏ آهيان ۽ سندس روشن آئيندهہ ج
ڪامنا ٿو ڪيان

-ڪشن ٻتاڻ

ٻه اکر

ليکڪ سماج جو مکيه انگ آهي. سندس انيوَ سماج ۾ جيڪي اڻ وڻندڙ قصا يا گهٽنائون ٿين ٿيون سي هن جي ذهن ۾ چوٽ رسائي هن جي قلم کي لکڻ جي طاقت ٿيون بخشين. پنهنجي احساس کي هو من جي گهُٽن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پرزور ڪوشش سان جيئن چترڪار چٽ چٽي پنهنجي ڪلپنا کي ساڪار ٿو ڪري تيئن ليکڪ به حقيقي سطح تي ڀِي انهن اڻ سهندڙن چٽن کي قلم بند ڪري سماج جي سامهون پنهنجي اثردار نوح ۾ ظاهر ڪري رکي ٿو. جيڪو جيتري قوبط رکي ٿو ءِ دل تي ڪهاڻيءَ جو اثر ٿو ڇڏي اهو اوترو ئي مقبول ليکڪ تسليم ڪيو ٿو وڃي.

ڪملا بنانيءَ جون ڪهاڻيون به سماج جي 'ڪرسمن' اڄ جي ٿهيءَ ۾ سُٺن سنسڪارن جي اٽاٽ ۽ اِستري پاترن جي وجود جي اٽاٽ تي ڪافي ڪڇ لکيو آهي. هن مجموعي 'امڙ جو عقص' ۾ هڪ وڏوا ٻڍڙيءَ جي ڪهاڻي دل تي چوٽ رسائڻ بنا نٽي رهي سگهي جنهن ۾ سڄي عمر پورهيو ڪري پٽن کي جوان ڪرڻ کان پوءِ به انهن جي زميداري پٽن جي ڪُلهن تي نه پر ماءُ جي ڏٻرن ڪُلهن تي آهي. اڄ به جوان پٽ اَوگُڻن ۾ غلطان تي ماءُ ڏانهن لاپرواهه آهن. پر ماءُ آهي ميڻ جيڪا مزوري ڪري به انهن جو پيٽ شانتيءَ سان پالي رهي آهي. اِهو قصو هڪ نه پر سڀ هنڌ دهرايو پيو

AMAR JO AKS

(Short Stories)

By :
Smt. KAMLA BUTANI
Rtd. Lecturer : S. Ed.
AJMER

First Edition : 2004

Price Rs. 60/- Only

Published By :
PANKAJ PUBLICATION
E-19, U.I.T. Colony,
Naka Madar, Ajmer.
Ph. 2671743

Printed By :
Parwati Printing Press
180/6, Shanti Nagar, Bhang Baori,
Post Box No. 230, Ajmer-300501

Phone : 2461291 (O), 2460231 (R)
Mobile : 98280-80154

Published with Partial Financial aid of Sindhi Academy Rajasthan

کي اُجاگر ڪرڻ سان ئي پاڻهين ٿي ويندو. اِستري پاترن کي انهن جي خاص ضرورت آهي.

اڄ ليکڪا کي لکندي ڪافي وقت ٿيو آهي هن قدم در قدم اڳتي ئي وڌايو آهي. راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران هن کي ڪهاڻين تي اکل ڀارت ۽ راجستان سطح تي انعام به ملي چڪا آهن، انهن مان ظاهر آهي ته هوءَ ڪنهن سُڃاڻپ جي محتاج نه آهي.

هن جي ڪهاڻين ۾ احساس ۽ دِلي درد جي گنجائش وڌندي ٿي وڃي. پاٺڪ کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اِئين لهرن ۾ لوڙهيندي ٿي وڃي جو جيستائين ڪهاڻي پوري نه ٿي ٿئي هو اڌوري نٿو ڇڏي ۽ دل تي ڪجهه ڪهاڻيءَ جو اثر به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ليکڪا قلم آزمائڻ سان ئي پنهنجي سُڃاڻپ پاڻ قائم ڪئي آهي، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. چوندا آهن ته ’همٿي مردان مددي خدا‘ وانگر ليکڪا جو نظريعو سماج جي سُڌار جو اِطفاق ٿو رکي. جتي محنت ۽ آتم وشواس آهي اُتي ئي اِنسان ڪنور منزلون به لتاڙيندو اڳيان وڌي ٿو. ليکڪا جي سڦلتا جي ڪامنا ڪندي مونکي ايترو ئي چوڻو آهي ته هوءَ اڳتيي ۽ اڳتي وڌندي رهي ۽ پاٺڪن کي ڪهاڻيون پڙهائيندي رهي.

ڀڳوان اٽلاڻي

اڳوڻو صدر، راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

ڪنوينر، سنڌي صلاحڪار سمتي گيان پيٺ پرسڪار، دهلي

وڃي. ’نانڪ دکيا سڀ سنسار‘ ڪهاڻي ته اڄ جي ٿيءَ جي سوارٿ پاونا ۽ سنسڪارن کان دور ٿي پيءُ کي دل تي اهڙي چوٽ ٿي رسائي جو پيءُ جو اؤلاد ڏانهن موهه ڀنگ ٿي ٿو وڃي جيئن والمڪئيءَ جو ڪٽنب ڏانهن موهه ڀنگ ٿي ويو هو.

ليکڪا جون ڪهاڻيون گهڻني پتر، پتريڪائن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن جن ۾ صحتمند سِکيا جو ئي مکيه اُديش هوندو آهي. ليکڪا رٽاير ماڻهن کي نڪمٽو نه رهڻ ۽ جيون ۾ ڪو سالم ڪم ڪرڻ جي همٿ ’جيون جي سُرهاڻ‘ ڪهاڻيءَ ۾ ڏني آهي جيڪا سيني کي پڙهي ڪونه ڪو سالڊ ڪم ڪرڻ جي پريرڻا ٿي ڏئي. سماج جي سطح تي حقيقت پکيڙڻ واريون پختيون ڪهاڻيون لکي ليکڪا اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هن کي حالتن جي سامهون نراس ٿي انهن کان دور ڀڄڻ جي ڪوشش نه ڪرڻي آهي جيئن ته ’شانتيءَ جي تلاش‘ ۾ من جي شانتي ضروري آهي نه ڪ ماحول جي. همٿ سان ڪم وٺڻ سان انت سُهيلو ٿو ٿئي. اِستري پاترن لاءِ ليکڪا جي همدردي يا پريرڻا جي چاهه سدا رهي آهي جيئن ’هن جو وجود‘ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪِردار پنهنجي ڀهوبوتي ۽ لياقت، لائقيءَ سان ڪيئن ٿي پنهنجو وجود ڳولهي سچي گهر جي دلين تي راڄ ڪري جيئن اشوڪا دي گريٽ، چيو هو ته تلوار سان راڄ نٿو جيتي سگهجي جيستائين دليون نه جيتيون آهن. اهو ڪم شانتيءَ سان پنهنجي گڻن

نانڪ دُکيا سڀ سنسار

گذريل ستن ڏينهن جي بيماريءَ ئي جڻ هن جي دنيا الٽ پلٽ ڪري ڇڏي هئي. سڄي زندگيءَ جو حصاب لڳائيندي هن محسوس ڪيو تہ جنهن ڪٽنب جي خوشيءَ لاءِ هو مر گهترشنا ۾ صبوع کان شام تائين ڪم ڪندي بہ ٿڪجندو ڪونہ هو اهو ئي اڄ واريءَ تي ڍير ٿيو پيو آهي. نار جي ڍڳي وانگر وهندي پاڻ کي هن جن ٻنڌنن ۾ ٻدو هو اَڄ اُهي ئي ٻنڌن مر گهہ جي چار مان نکرڻ لاءِ ڇٽپٽائڻ لڳا.

جيرامداس پاسو ورايو، هُن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا سوچڻ لڳو تہ والمڪيءَ وانگر جنهن ڪٽنب لاءِ هن تن، من، ڌن ارپڻ ڪري ايندڙ وقت لاءِ سُنهرا صپنا اڏيا هئا سي هڪ ئي جهٽڪي سان چور-چور ٿي ويا. سچ جو آئينو جڻ سچ اجاگر ڪري هن کي ويچارا ڏئي رهيو هو.

جيرامداس پاسو ورايو ۽ وري سوچ ۾ ٻڏي ويو. ست ڏينهن اڳ هن جو سنسار ڪيڏو نہ سُکي ۽ خوش حال هو. مازيءَ جي يادگرين هن کي پنهنجي آگوش ۾ سميٽي ورتو...

.....ٽيبل تي ناشتو تيار آهي. صبوح جا نو وڳي چڪا آهن. جيرامداس صوف جو قطرو کٽي چڪ پائي کائي رهيو آهي. پر ۾ هن جي ارڌانگني شانتي چانهن ڪوپ ۾ پائي

سلسلو

جيرامداس- ها-ها ڇو نه مان آفيس جي ڪار ۾ هليو ويندس.
ڪامني- 'او ڊئڊي' يو آر سو سويٽ، (خوشي مان ٽپ پائي پيءُ جي ڪرسيءَ پنيان وڃي پيءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي خوشي ظاهر ٿي ڪري.
راجو به پنهنجو منهن چوري ٿو، 'ڊئڊي اسان جو ڪاليج گروپ ايڊيوڪيشنل ٽوئر تي اجنتا ايلورا جون غفائون ڏسڻ آئوٽنگ تي وڃي رهيا آهن. جيڪر توهان آڳيا ڏيو ته مان به...
جيرامداس- ها-ها ڇو نه خوشي سان.
'پوءِ ته ڊئڊءِ مونکي هڪ هزار روپين جي ضرورت پوندي.'
ڪلي ڪري، 'ها-ها تون پنهنجي ماءُ ڪان وٺج' جيرامداس اٿندي، 'چڱو.'
ايتري ۾ وڏو پٽ راجيش جنهن جي ڪجهه ڏينهن اڳ ئي شادي ٿي آهي، 'ڊئڊي اسان کي گوئا جون ٽڪيٽون بڪ ڪرائيٽيون آهن.'
'ڪهڙن ڏينهن لاءِ؟'
'ڏهن ڏينهن لاءِ.'
'ٺيڪ آهي.'
'ڊئڊي اسان کي پنجويهن هزار روپين جي ضرورت پوندي.'
پنهنجو بريف ڪيس کولي چيڪ بڪ ڪڍي سائين ڪري ڏيندي، 'هان وٺ ٽيهه هزار، پرديس ۾ ڪم ايندءِ.'
راجيش خوش ٿيندي، 'ٿينڪس آلوٽ ڊئڊي.'

رهي آهي. ان وقت جيرامداس جا ٻئي جوان پٽ ۽ هڪ ڌيءُ فيشن پريڊ پريل ڪپڙن ۾ فلمي انداز ۾ ڊائننگ هال ۾ حاضر ٿا ٿين، گڊ مارننگ ڊئڊي، ٿئي چئي ڪرسيون ٿا والارين.

جيرامداس مني مسڪان اڇلائيندي، ويري ويري گڊ مارننگ مائي چلڊرن. چئي جڻ سيني جي آجيان ٿو ڪري.

جيرامداس صبوح جي ناشتي تي ئي ٻارن سان گڏ جي سگهندو آهي. سڄو ڏينهن هو ڪم ۾ ايڏو ٻڌو پيو هوندو آهي جو رات جو بہ دير سان گهر موٽندو آهي. مطلب تہ هو 'بزي پرسنلٽي' آهي. ان ڪري هن مهل ئي ٻار پنهنجون فرمائشون هن جي اڳيان رکي پوريون ڪرائيندا آهن. هونئن بہ صبوح جي وقت موڊ بہ سٺو هوندو آهي پوءِ ڇو نہ ان جو فائدو ڪنيو وڃي.

ڪامني- (بريڊ تي بٽر هڻندي) ڊئڊي اسان جي ڪاليج ۾ ساليانی جلسي لاءِ تياري شروع ٿي ويئي آهي. مان بہ انگلش ڊراما ۾ پارٽ ورتو آهي.

جيرامداس- ويري گڊ

ڪامني- ان ڪري رهرسل لاءِ ڏهہ پندرهن ڏينهن مونکي وقت تي ڪاليج وڃڻو ۽ اچڻو پوندو. ڊئڊي پليز توهان پندرهن ڏينهن لاءِ ڪار منهنجي ڊسپوزل تي ڇڏي ڏيو تہ مونکي تڪليف نہ ٿيندي.

ڪري رهي آهي. هن کي آس پاس جي ڪا سڌ نہ آهي. اهو هن جي روز جو هشر آهي. ميوزڪ سان گڏ هوءَ ٻسڪو ڊانس بہ ڪري رهي آهي.

ٻئي ڪمري ۾ راجو پنهنجي ڪِرڪٽ جو بخار ناپي رهيو آهي. راجوءَ تي ڪرڪٽ جو شونق ايتري قدر غالب آهي جو ڪاليج هن لاءِ ڪرڪيٽ جو ميدان آهي تہ گهر بہ ڪرڪٽ جو مئدان. ٽي وي تي هو ڪرڪٽ ميچ ڏسي رهيو آهي. وقت بہ وقت جوش ۾ اچي، 'ياهہ سڪسر' 'واهہ چونڪو' جا آواز هن جي منهن مان نڪري رهيا آهن. هو ڪاليج ۾ هيرو آهي پر پڙهڻ ۾ زيرو. ڪاليج تائين پهچايو اٿس پيءُ جي ناٽي.

ٽئين ڪمري ۾ راجيش پنهنجي نئين نويلي ڪنوار سان انڪيليون ڪري رهيو آهي. در بند هوندي بہ ٻنهي جا ٺهڪ در مان ڇٽي ٻاهر پٽس جي ڪنن تائين پهچي رهيا آهن.

جيرامداس پاڻ کي هڪ خوش قسمت انسان سمجهي رهيو آهي. وقت جي رفتار سان هن جا ٻار برابر قدم وڌائيندا اڳتي وڌي رهيا آهن، ان لاءِ هن کي هنن تي فخر آهي.

جيرامداس آفيس ۾ وڏي عهدي تي آفيسر آهي. آفيس ۾ بہ هن جي خوش فهمي ۽ نرم وهنوار ڪري هن جي ناموس آهي. سڀ ڪم پنهنجي رفتار سان سٺي طرح

جيرامداس خوش ٿيندي هلڻ ٿو لڳي. هن کي خوشي آهي تہ هن جا ٻار خوش آهن. هو ٻارن کي انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائي رهيو آهي جيئن هو دنيا جي ڊور ۾ پٺتي نہ رهجي وڃن. ان لاءِ هو هزارين رپيا هر مهني هاري رهيو آهي. هو هنن جي روشن آئيندھ جي اميد ۾ آهي.

روز آفيس وڃڻ کان اڳ جيرامداس پنهنجي ٻڍڙي ماءُ جي ڪمري ۾ وڃي پيري پوندو آهي ۽ هن جو حال چال پڇندو آهي، 'امان ڪيئن نيڪ آهين؟'

ٻڍڙي، 'ها پٽ' خوش ٿي پنڻي ٿي ٿپوريس.

'امان توهان کي ڪنهن شئہ جي ضرورت هجي تہ شام جو وٺندو اچان.'

'نہ پٽ تو هوندي مونکي ڇا کپي؟'

جيرامداس خوش آهي تہ هن جي ماءُ بہ خوش آهي.

جيرامداس کي مٿيون نظارو ڏسندي جهوٽو اچي ٿو وڃي.

شانتي اچي ٿي هن کي اٿاري هان وٺو هيءَ گوري وٺي پوءِ سمهين پئو.'

گوري وٺي هو وري مازيءَ جي يادگرين ۾ غوطا ٿو لڳائڻ لڳي.

رات جو جيرامداس دير سان گهر موٽندو آهي، روٽي کائي، ٻارن جي ڪمرن جي ٻاهران ئي جائزو وٺندو آهي.

ڪامنيءَ جي ڪمري ۾ اسٽيريو تي انگلش ڌُن جو ميوزڪ هلي رهيو آهي، ڪامني انگلش ميڊيم ۾ گريجوئيشن

چاڙهو نه ڏنو ته پاڻ ٻوٽو ٻارڻ جو اپاءُ ڪيائين. هن پنهنجي وشواس پاتر آفيس اسسٽينٽ کي فون ڪري هدايت ڪئي ته جلد به جلد آفيس جي ڪار ۾ به ماڻهو وٺي گهر پهچي.

پندرهن منٽن ۾ ڪار در تي بيٺي هئي. جيرامداس کي لڳو هن جو سرير سُن پيو ٿيندو وڃي ۽ هو بيهوش ٿي ويو.

اسپتال ۾ امرجنسيءَ ۾ هن جو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو ويو، ايڪسري ورتا ويا ۽ ئي سي جي ڪرائي ويئي. هن کي انسينٽو ڪيئر يونٽ ۾ رکيو ويو.

جڏهن هو هوش ۾ آيو هن ڏٺو ته هن جي نڪ ۾ آڪسيجن جي نلي ۽ هٿ ۾ ڊرپ چاڙهي هن کي چرڻ پرڻ کان قابو ڪري ڇڏيو ويو آهي.

جيرامداس سمجهي نه پيو سگهي ته جهٽ پٽ هيءُ ڇا ٿي ويو؟ ڪالهه تائين ته هو تندروست هو ۽ آفيس پئي ويو. هن کي پنهنجي تندرستيءَ تي ڏاڍو ناز هو. پنهنجي اصلي عمر کان هو گهٽ ئي نظر ايندو هو ۽ اڄ هن ۾ اٿڻ وهڻ جي طاقت نه آهي. هو بيوس ٿي بستري تي ڊاڪٽرن جي مهربانيءَ جو موهتاج ٿيو پيو آهي. هو بيجان ٿي ڊاڪٽرن جي علاج ڪرڻ جي گتي وڌي ڏيان سان ڏسي رهيو هو.

ننڊپڻ ۾ هن ڪبير جا ڏوها پڙهيا هئا جن جو مطلب هو سرير مٽي آهي ۽ هيءُ ڪنهن وقت به جواب ڏيئي

پئي هليا.

جيرامداس رات جو سمهيو تہ هن کي جهوٽو اچي ويو. پر جلد ئي هن جي ننڊ کلي هن کي لڳو هن جي بيچيني وڌندي ٿي وڃي، پڳهر هن جي سرير تي ريلا ڪري وهڻ لڳو. هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. اُلٽيءَ جي شڪايت هن جي ننڊ اڏائي ڇڏي. هو اٿي ڪري ڪمري ۾ ئي ڇَهل قدمي ڪرڻ لڳو. پر هن ڏٺو تہ هن ۾ ويهڻ جي شڪتيءَ بہ جواب ڏيئي ڇڏيو آهي.

هن ڏٺو ٻار سڀ ننڊ جي آگوش ۾ آرامي آهن ۽ شانتي گِهري ننڊ جو مزو ماڻي رهي هئي. هن جي مک تي هڪ مسڪان هئي جڻ ڪو مٺو سپنو ڏسندي هجي.

جيرامداس جيترو ضبط ڪري ٿي سگهيو ڪيائين پر پوءِ ٻالهہ هٿ مان ويندي ڏسي هن کي شانتيءَ کي جاڳائڻو ئي پيو.

’جاڻ جي ڦڪي وٺي ڏسو.‘ هن پاڻي ۽ جاڻ جيرامداس کي ڦڪائي. پر هت تہ، ’مرض بڑهتا هي گيا جيون جيون دوا کي.‘ وارو حصاب پئي لڳو. شانتيءَ ٻارن کي جاڳايو، اُهي بہ ننڊڪڙا هئا ۽ ڪير تڪي ڦوٽو ڏيڻ جي تہ ڪير پپرمينٽ ڏيڻ جا نسخا آزمائڻ جي صلاح ڏيڻ لڳا. پر جيرامداس کي ڪابہ ڦڪي فرق نہ ڪري سگهي. هُن جي تڪليف چوندا آهن. ’جس تن لاگي سو تن جاني.‘ ڪهاوت وانگر هن جي حالت هيٺي ٿيندي پئي وئي. جڏهن هن گهر وارن جو

ڪسقس جا آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا.

شانتي ڪامنيءَ کان پڇي رهي هئي، ’ڪامني تنهنجي پيءُ جي رٽايرمينٽ ۾ ڪيترا سال باقي آهن؟‘

’چار سال‘

’۽ جيڪر تنهنجي پيءُ کي ڪجهه ٿي ويو ته ڇا هي ٻنگلو، ڪار، فون، نوڪر چاڪر واپس ڪرڻا پوندا؟‘

’ها ممي، هڪ دم.‘

’پوءِ اسين ڇا ڪنداسين؟ ڪيڏانهن ويندا سين؟ نوڪرن بنان ته اسان جو گذارو ئي ڪونهين. آفيس جا نوڪر وري به دٻاوَ ۾ رهن ٿا، پرائيويٽ ته دٻجن ئي ڪونه.‘

هن ٻنهين جي ڪسقس جيرامداس ٻڌي رهيو هو هن کي لڳو هن جي دل ئي لڏي ويندي هن جو هيانءُ ٻڏڻ لڳو. هن اکيون کولي زال جي اکين ۾ ڪپائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته اتي چنتا منهنجي آهي يا ٻنگلي ۽ ڪار وڃڻ جي.

هن جو هيانءُ هاهاڪار ڪرڻ لڳو. هاءِ هن اڌ سرير کي فون ۽ نوڪرن جي چنتا لڳي پئي آهي. مان پيو سمجهان هيءُ منهنجي لاءِ دکي آهن.‘

اڄ هن کي هيءُ پڄن ياد اچڻ لڳو.

سک کي سڀ ساٿي، دک ۾ نه ڪوئي
اڪ رام ڪا ناتا، دوجا نا ڪوئي
ميري رام، ميري رام، ميري رام

سگهي ٿي، پر هن ڪڏهن ان تي وشواس ئي نہ ڪيو هو. هن جي من ۾ هر هر اهو ئي سوال پيو اٿي تہ آخر هن کي ٿيو ڇا آهي؟

ها اهو سمجهڻ ۾ هن کي دير نہ لڳي هئي تہ معاملو واقعئي سنگين آهي.

جڏهن ڊاڪٽر نليون هٽي فارغ ٿيو تہ شانتيءَ همٿ ڪري پڇيس، 'ڊاڪٽر ڳالهہ ڇا آهي؟'

ڊاڪٽر چيو، 'توهان واقعي ڀاڳن وارا آهيو جيڪر ڪلاڪ بہ دير سان اچو ها تہ مريض کي برين هيمريج...

ايتري ۾ نرس گهبرائي آواز ڏنو، 'ڊاڪٽر جلد اچو.'

جيرامداس کي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو هو. چوندا آهن تہ بلڊ پريشر ۽ برين هيمريج دل دماغ تپائڻ کان ٿيندو آهي پر هو تہ بلڪل ٿڌي دماغ وارو آهي پوءِ هيءُ ڪئين ٿيو؟ سوچيندي سوچيندي هن جو دماغ ڄڻ ٿڪجڻ لڳو. هن اک کٽي نهاريو. هن ڏٺو هن جا سڀ گهر وارا سڀ اتي موجود آهن. هن سنتوش جو ساهہ کنيو. ڏک درد ۾ پنهنجا ئي ڪم ايندا آهن. هن کي آٿت آيو تہ هن جو ڪٽنب هن لاءِ ڪيڏي نہ چنتا ۾ آهي. ڏک ۽ سک ۾ غم ۽ خوشي ونڊڻ لاءِ ئي تہ ڪٽنب گهربو آهي. هاءِ سڀني جا چيهرا ڪيڏا نہ ڪومايا پيا آهن.

ايترو سوچيندي ئي هن جو دماغ ٿڪجڻ لڳو رليڪس ڪرڻ لاءِ هن اکيون بوٽي ڇڏيون تہ هن کي ڪنن ۾ ڪجهہ

هن کي ياد آيو تہ جڏهن راجوءَ جو جنم ٿيو هو هن کي سائي ٿي پئي هئي پوءِ تہ زال مڙس جي ننڊ حرام ٿي ويئي هئي. ڊاڪٽر جيئن حدايت ڪندا هئا تيئن هن جو علاج ڪيو ويندو هو.

ڪامنيءَ کي هڪ دفعي اهڙي ٽائيفائيڊ ٿي جو ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو پر ڪجھ دوا ۽ ڪجھ دُعا سان جيرامداس ڌيءُ کي ڇاڙهي ورتو.

راجيش کي تہ سيارو ٿيندي ئي بخار شروع ٿي پوندو هو ۽ ٻئي هن جي ايڏي سنڀال ڪندا هئا جيئن پڪي پنهنجي ٻچڙن کي سيئڻ لاءِ محنت ڪري بيدي مان انهن جي نڪرڻ تائين ڪندا آهن.

آخر نرس کي چوڻو پيو، ’توهان ٻئي گهر وڃي آرام ڪري تا سگهو. رات جو نرسون ۽ ڊاڪٽر سنڀال لاءِ آهن. توهان جي ضرورت ڪونہ پوندي.‘

ٻئي ڀائر جڻ قيد مان آزاد ٿيا. هنن کي جڻ من گهُري مراد ملي وئي. انڌي کي ڪپن بہ اکيون. هنن جو چيهرو ٽِهڪي ويو. هو تڪڙا قدم وڌائيندا گهر ڏانهن روانا ٿي ويا.

سچ اهو هو تہ نرس کي جيرامداس ئي هنن کي نہ رهڻ جي حدايت ڪئي ان لاءِ هن کي پنجويهہ روپيا خرچي جو ڏني ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن شانتي ۽ ڪامني آيون. پٽ پنهنجا پروگرام ٺاهڻ ۾ مشغول هئا. ٻئي ڏينهن تہ جيرامداس جو

جنهن ٻچن کي هن ڪڏهن دل سان نہ ٻڌو نہ ڪڏهن ڌيان ڏنو، اهو ئي ٻچن اڄ هن جي من کي شانتي بخشي رهيو آهي. سچي زندگيءَ جو راض اڄ هن کي سمجهہ ۾ آيو هو.

هن جو بلڊ پريشر وڌڻ لڳو. ڊاڪٽر اچي هن کي سنڀاليو. جيرامداس اجان پاڻ کي سنڀالي ئي سنڀالي اُن کان اڳ هن کي ٻي چوٽ لڳي ويئي. شام جو جڏهن مريضن سان ڳڌجڻ جو وقت ختم ٿيڻ تي هو تہ راجيش راجوءَ کي چيو، ’راجو اڄ رات تون اسپتال ۾ رهي پئہ سياڻي ڏنو ويندو.‘

’ڇو اڄ مان ڇو تون ڇو نہ؟ تون تہ وڏو آهين تنهنجو فرض بہ وڏو آهي.‘

راجيش- اڄوڪو ڏينهن جيڪر تو ڪرڪٽ ميچ نہ ڏنو تہ آسمان ڪونہ ڦاٽي پوندو، اِهو سياڻي بہ ڏسي ٿو سگهين.‘

راجو- (خار کائيندي)، ’ءَ تون نئين پاپيءَ کي ڇڏڻ نہ ٿو چاهين هان نہ؟‘

ٻنهين جي بحث جيرامداس ٻڌي سُن ۾ پئجي ويو. من ۾ چيائين انهن ڏينهن لاءِ تہ تو پٽ گهريا هئا. تو تہ ٽن ٽن ٻارن جو پالن پوشڻ راجائي ٺاٺ سان ڪيو پر هنن ٽنهين مان ڪو پيءُ جنهن هنن کي جنم ڏنو اُنهن لاءِ هڪ رات بہ اسپتال ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ آهي.

نرس-   ها، هاڻي مريض نارمل آهي.
ڪامني-   پر جيڪر وري گهر وڃي هنن جي تڪليف وڌي وئي ۽ برين هيمريج جو ڊپ رهي ته اسين ڇا ڪنداسين؟'
نرس-   مريض هاڻي خطري کان ٻاهر آهي، هن جو بلڊ پريشر اسان نارمل ڪري ڇڏيو آهي هاڻي هو ڪجهه ڏينهن ريسٽ ڪري ڊيوٽيءَ تي وڃي سگهندا.

گهر ايندي جيرامداس ماءُ سان گڏيو ته ماڻس جي اکين جا ڳوڙها بهن ئي نه، 'پٽ مان ته اسپتال اچي تو وٽ رهڻ لاءِ به تيار هئس پر مونکي ڪير وٺي اچڻ لاءِ تيار نه هو. هتي ته مونکي سک ئي نه پيو اچي ڀڳوان کي پئي ليلايان، منهنجي جيرام کي منهنجي به عمر لڳي نيڪ ڪري ڇڏي پر ڪير به مونکي اسپتال نه وٺي آيو نه ئي منهن ڏيئي تنهنجي بيماريءَ جو حال ٻڌائيائون.

جيرامداس ماءُ جي نسوارت ممتا ڏسي ان سان چنبڙي ننڍن ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

'سچ آهي ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جو پيار ئي سنسار ۾ سچا آهن.' ٻيا سڀ نقلي ناتا آهن. جيرامداس من پري روئڻ ٿي چاهيو.

شانتيءَ-   (خنڪيءَ سان چيو) 'اسان کي ته خبر هئي ته توهان جي ماءُ توهان کي روئاري ئي رهندي. تڏهن ته اسان هن کي اسپتال به نه وٺي آياسون هاڻ هلو هلي آرام ڪيون.'

ڪٽنب مان موھہ پنگ ٿي ويو ھو. ھو اکيون ٻوٽي ليٽي پيو تہ وري ھن جي ڪن ۾ ڪسڦس جا آواز آيا.

شانتي- 'ڪامني نوڪري ھوندي ڪير وڃي ھلي تہ سرڪار ڪھڙو مٽاوزو ڏيندي آھي؟'

'ان لاءِ بيمو ڊبل ملندو آھي گھٽ ۾ گھٽ چار لک.'

'بس؟'

'پيو گريچيوٽي، ليو انڪيشمينٽ ۽ پي ايف وغيره جا لکين روپيا، ۽ پينشن.'

'ھا فيملي پينشن پھرين توھان کي ۽ پوءِ جيڪو توھان تي آشرت ھجي ان کي ملندو جيئن مان آھيان.'

ٻنھين جو منھن اِئين ملول ٿي ويو ڄڻ لکين روپيا ھنن جي ھٿ مان ويا ھجن ھلي.

جيرامداس سڀ ٻڌي رھيو ھو ۽ ٻنان ڏٺي ھنن جي منھن جي ڀاونا کي ڪلپنا ۾ پڙھڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ستن ڏينھن ۾ ڊاڪٽرن جي جفاڪشي ۽ آفيس جي قليگس ۽ يار دوستن جي شڀ ڪامنائن کان پوءِ جيرامداس نارمل ٿيڻ لڳو. ان وچ ۾ ٻار ڪڏھن ڪڏھن اچي ھاءِ ھلو، ڪري ويندا ھئا، گھٽو ويھڻ ھنن کي برداشت نہ ھو. سچي دل سان تہ ھن جي بيماريءَ کان دکي بہ ھئا. جيرامداس دل ئي دل ۾ ھنن جو احسان مند ھو.

ستين ڏينھن شانتيءَ نرس کان پڇيو 'نرس ھاڻي مريض کي گھر وڃڻ جي اجازت آھي؟'

تہ اولاد مان گھٽيون اميدون ڪيون ھيون سچ آھي اميدون رکڻ کان پوءِ پوريون نہ ٿيڻ تي ڪيڏو نہ دک ٿو ٿئي. آخر ھو غلط ڪٿي ھو. ھن تہ پنھنجي حساب سان سڀ سھي ڪيو ھو. ٻارن کي انگريزي اسڪولن ۾ ايڊوڪيشن ڏيئي ھنن ۾ انگريزي تھزيب جا ٻج تہ پئجي ويا پر ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جا سنسڪار ڪونہ پيا. وڏن لاءِ عزت ۽ فرض کي اڄ جي ٿھي ڀلجي چڪي آھي. ديانند، وويڪانند، گرونانڪ، ڪبير ۽ تلسيءَ جي واڻيءَ کي ھوءَ ناڪاري رھي آھي.

ھن کي پنھنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. نانڍپڻ ۾ سندس ماءُ پيءُ ھن کي انگريزي اسڪولن ۾ ڪونہ پاڙھيو تڏھن بہ ڇا ھو اوچي عھدي تي ڪونہ پھتو؟ ٻارن لاءِ ھن آدرش جيوت رکي پر اُنھن سٺن سنسڪارن کي ٻڙي ڏيئي ڇڏي.

وري بہ ھن پنھنجي من کي آٿت ڏنو تہ ھن پنھنجا فرض پورا ڪيا ۽ ڪامياب زندگي بصر ڪئي. ھونئن بہ ٻڌو ھو تہ سنسار ساگر مھاڃار آھي. ھن کي گرونانڪ جون ٻاڻيون ياد اچڻ لڳيون. جن مان ھڪ ھيءَ ھئي جيڪا ھن جي من کي ٿائيڪو ڪرڻ لاءِ ڪافي ھئي-

نانڪ، دکيا سڀ سنسار
سوئي سکيا، جنھن نام آڌار

جيرامداس جو من روئڻ سان هلڪو ٿيو.

دوائون وٺڻ ڪري جيرامداس کي جهوٽا پئي آيا ايتري ۾ پرواري ڪمري مان آواز ٻڌي هو سجاڳ ٿي پيو.

راجو چئي رهيو هو، ’ممي نوڪريءَ ۾ هوندي ڪير هليو وڃي ته ان جي جاءِ تي هن جي پٽ کي نوڪري ملندي آهي. اها مونکي ملي هان پر هاڻ هٿ مان چانس ئي نڪري ويو.‘

ڪامنيءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو، ’ممي مان ته ٻنهيءَ سان شاديءَ جا سپنا ڏسي رهي آهيان، مون کي صرف ٻه لک ملي وڃن ته اسين ٻئي ولايت وڃي ڪو ڪاروبار شروع ڪري نئين زندگي شروع ڪيون هان پر قسمت ساٿ نه ڏنو.‘

راجيش ايو ساهه کڻي چئي رهيو هو، ’ممي، مان پنهنجي سالي سان ماربل فيڪٽري چالو ڪرڻ جي پلاننگ ڪئي هئي جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن لکن جي سيڙپ هئي اها فلاپ ٿي وئي.‘

شانتيءَ گهڙڪي ڏيئي سڀني کي چپ ڪندي، ’اري، اهو ٻه سوچيو اٿو ته رٽاير ٿيڻ کان پوءِ اسين رهنداسين ڪٿي؟ مان ته گريجوئيٽيءَ مان هڪ بنگلو خريد ڪرڻ جي رٿ رِٿي هئي، جنهن لاءِ پنج لک ضروري آهن.

هن ڪمري ۾ سڀني کي پنهنجي مٿي جو سور نيڪ ڪرڻو هوءِ ٻئي ڪمري ۾ جيرامداس اهو سڀ ٻڌي رهيو هو. هن هڪ گوري زبان جي هيٺان رکي ۽ سوچڻ لڳو، ’هن

ڪجهه ماڻهو تہ ماءُ پيءُ جو قدر ڪندي اندر هلي آيا ڪجهه تہ گيٽ تان چريا ٿي ڪونہ. تڏهن ڪنڊڪٽر ٻيو تير اُڇلائيندي چيو، ٻيلي توهان کي پنهنجي جوءِ جو قسم جو اندر نہ آيا.

سيني کلي چيو، 'واهہ پوءِ تہ سڀ اندر هلي آيا هوندا.'

ٽوپڻداس -'نہ پر غذب تہ اهو ٿيو جو جيڪي سيٽ تي وينا هئا اهي بہ اُٿي وڃي گيٽ تي لٽڪيا.'

ڪل جو اهڙو ڦوهارو ڦٽو جو سڄي ڪئنٽين جو ماحول خشنما ٿي ويو.

ڪنهن کي ڪلائڻ ۽ پنهنجي ڳالهين سان موهي وٺڻ بہ هڪ ڪلا آهي جيڪا هر ڪنهن ۾ نہ هوندي آهي. پر ٽوپڻداس ۾ شايد جنم ذات اها ڪلا هئي جو هو سيني جو من موهي وٺندو هو.

ٽوپڻداس هن آفيس جي جان هو. اهڙا خوشمجاز ۽ زنده دل انسان ورلا ٿيندا آهن. هر ڪم ۾ وري اهڙو ڦرت ۽ هوشيار جو هر مسئلي کي چُٽڪيءَ ۾ رفا دفا ڪرڻ جي سامرٿ هن ۾ هئي.

جنهن ڏينهن ٽوپڻداس آفيس ۾ نہ ايندو هو تہ سڀ اُباڻڪا ٿي ويندا هئا ۽ هنن جو منورنجن ڪرڻ وارو ڪير نہ هوندو هو. ٽوپڻداس کي سندس وڏيل عمر جي سمڪ تڏهن پيئي جڏهن رٽايرمينٽ کان هڪ سال اڳ ئي هن جا ساٿي هن سان ان ڏينهن ڊنر ڏيڻ جي مذاق ڪرڻ لڳا.

جيون جي سُرهاڻ

آفيس جي ڪئنٽين ۾ ٻن ٽيبلن کي گڏي ڪرسين تي مِڙي ويٺا آهن، لنچ ٽائيم آهي. سڀني جا ٽفن سڳنڌ ڦهلائيندڙ طعامن سان ڪليا پيا آهن. سڀ ٻنا ڀيد ڀاو جي ذات پات جي ڀيد کي درڪنار ڪري هڪ ٻئي جي ڀاڄيءَ جو سواد وٺي رهيا آهن.

روٽي کائيندي چرچو ڀڳهبو بہ هلي رهيو هو.

ٽوپڻداس جيڪو آفيس ۾ عهدي ۾ بہ سينئر آهي ءِ عمر ۾ بہ، جنهن جي ڳالهين ۾ رس آهي، انهن ۾ پريل آهن زندگيءَ جا آزمودا ”چوي ٿو، اڄ منهنجو اسڪوٽر خراب ٿي ويو هو اِن ڪري مونکي بس ۾ اچڻو پيو.“

سندر-وات سان چ، چ ڪندي، ’ويري سيڊ. تو چوي.

ٽوپڻداس، ’اڙي نہ اڄ تہ بس ۾ مزو اچي ويو.‘

سڀ-’اُهو وري ڪئين؟‘

’ماڻهون بس ۾ گهڻا هئا وهڻ جون سيٽون گهٽ هيون پر گهڻا جڻا گيٽ تي ئي لٽڪيا پيا هئا، ڪنڊڪٽر هيلا هلايا انهن کي اندر ڪرڻ لاءِ هڪلون ڪيون پر ٻيلي ماڻهو ٻڌن ڪٿي ٿا؟‘

آخر بس هلي تہ بہ همراهہ گيٽ تي ٽنگيا پيا هئا. ڪنڊڪٽر کي غصو اچي ويو ۽ چيائين-توهان کي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ پيڻ جو قسم جي گيٽ ڇڏي اندر نہ آيا آهيو،

’جوانيءَ ۾ هو ڇوڪرين پنيان مجنو هو. ڪاليج ۾ ڇوڪرين کي ڇيڙيندي هو پڪڙيو ويو هو ۽ هڪ به دفعا ته پرنسپال هن کي ڌمڪايو هو ۽ ڇوڪرين جي ڪل جو بائس بڻيو هو.‘

ڪيڏا نه رسيلا هئا اُهي ڏينهن به؟

’اڄان ڪلهه جون ڳالهيون پيون لڳن ۽ هاڻي مان رٽاير به ٿيڻ وارو آهيان. رٽاير جو مطلب بلڪل نڪمو، نڪمٽو، ڪنهن ڪم جو نه سڀ چوندا هيءُ رٽاير آهي هن کي ڇڏيو. مطلب ته ڪٽنب، پاڙي ۽ سماج کان اڻين پاسيرو ٿي ويندو ڄڻ هن جو ڪو وجود ئي نه رهندو. اهڙي ڪلپنا ڪندي هو ڏکي ويندو هو.‘

آفيس ۾ هن جهڙو ڦرتيلو، ڪم ۾ اڳرو ۽ يونين جو نيتا ٻيو ڪونه هو. جيڪا ڳالهه چوندو هو مڃي ويندي هئي ۽ هن جو وجود به هو ۽ پوءِ؟ پوءِ وري ڇا؟ وقت ڪنهن جو انتظار ٿورئي ڪندو! هو ته پنهنجي رفتار سان سڀ ڪم ڪيو ڇڏي. ٽوپڻداس کي بئنڊ باجي سان وِدا ڪيو ويو ۽ آفيس سان هن جو ناتو هميشهه لاءِ ٽٽي ويو.

ٽوپڻداس اُداس هو، سڀ هن کي ڇئي رهيا هئا زندگيءَ جو ڪافي وقت توهان جفاڪشي ڪئي، محنت ۽ لگن سان ڪم ڪيو. ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ڪم کي انجام ڏنو. اڄ جي زماني ۾ بي داغ رٽاير ٿي وڃڻ وڏو زندگيءَ جو انعام آهي. هاڻي ڪجھ آرام ڪيو، ڪجھ سماج ۽ ديش جي سيوا ڪيو ته وڃڻ کان پوءِ به هر ڪو ياد ڪري.

ڳالھ ڳالھ تي چوندا، ’پائي هاڻي تہ ٽوپڻداس آهي ڪجھ ڏينهن جو مهمان. اسان تہ پائي هاڻي ئي هن جي رٽايرمينٽ جي فنڪشن جون تياريون ٿا شروع ڪيون. هيءُ ڇا ياد ڪندو تہ رٽايرمينٽ ٿيندو ڇا آهي؟‘

انهن ڳالهين سان هن جو من مايوس ٿي ويندو هو. خاص ڳالھ اها هئي تہ رٽايرمينٽ اکر کان ئي نفرت هئي ۽ هو اهو اکر نہ ٻڌڻ چاهيندو هو.

هو سوچيندو هو، ’اڃان تہ مون ۾ جواني جو جذبو آهي. پنج سال تہ مزي سان، ڦرتيءَ سان اڄ ڪلھ جي جوانن کان بہ وڌيڪ ڪم ڪري سگهان ٿو. بدن ۾ جوش، دل ۾ جذبو ۽ دماغ ۾ سوچڻ جي شڪتي آهي.‘

ٽوپڻداس کي پنهنجي ٻالپڻ جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. هن کي مٺاڻ گهڻو پسند هو ۽ گهر ۾ جتي مٺاڻ رکيو هوندو هو ان جي ٽوھ وٺي سڀ شيءِ چٽ ڪري ڇڏيندو هو. پر منهن اُگهڻ پلجي وڃڻ ڪري پڪڙجي ويندو هو. پائر پينر هن کي مارڻ لاءِ ڊوڙندا هئا تہ هو وڃي ماءُ جي گود ۾ لڪندو هو تہ ماڻس ان جي طرفداري ڪندي هن جو بچاءُ ڪندي هئي، خبردار جو منهنجي ٻچڙي تي هٿ کنيو اٿو.

هڪ ڏينهن مٿان ٽافين جي برٽي لاهيندي برٽيءَ سميت ڪري پيو هو ۽ هن کي گهڻي چوٽ رسي هئي. ڪيڏا نہ سهڻا ڏينهن هئا اُهي بہ؟

آهي، سکيا آهي، سنا انيو آهن، تندرستيءَ جا نسخا بہ آهن. ڪتابن کان وڌيڪ سنو وقت پاس ڪرڻ جو ٻيو ڪو اُپاءُ ڪونهي.

ٽئين چيو-مونکي تہ پنهنجي پراڻن دوستن وٽ وڃي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. هڪ ٻن دوستن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري، گشو نشو هٽي گهر خوش ٿي ايندو آهيان، وقت بہ سنو نڪري ويندو آهي ۽ پاڻ کي تازو طوانو سمجهندو آهيان.

چوٿين چيو-يار مونکي تہ باغ باني جو ڏاڍو شونق آهي. گهر ۾ باغ پوکيو آهي ان ۾ ڪم ڪريان، گلن جا ٻوٽا لڳايان، ڦلن جا وڻ لڳايان، ڪچن گارڊن ۾ ڀاڄيون پوکيان ۽ سائو لان لڳايان تہ انهن جي سنڀال ۾ پاڻي ڏيڻ ۾ وقت بہ نڪري وڃي ۽ ڦل، ڀاڄيون کائڻ لاءِ ملن. گلن کي ڏسي اکيون باغ بهار ٿي وڃن ۽ لان جي ساوڪ تي گهمي صحت سني رهي.

ٽوپڻداس ايڏا آزمودا وٺي گهر آيو. ڏاڍي سني موڊ ۾ هو تہ جوٽس سڏ ڪندي چيس، ”ٻڌو ٿا اڄ کان پوٽي پوٽيءَ کي بس تي چڙهي اچڻ ۽ وٺي اچڻ جي ڊيوٽي توهانجي آهي. ارجن کي آفيس ۾ وڃڻ ۾ دير ٿي ٿي وڃي ۽ تڙ تڪڙ ٿي ٿئيس توهان ٽائيم تي ٻارن کي بس ۾ وهاري ايندا ۽ منجهند جو وٺي ايندا.

ٽوپڻداس کي بزرگ جي پهرين صلاح جي ياد آئي سوچيائين گهر کان ئي شيوا شروع ڪيان تہ سنو.

توپڻداس کي همت آئي سوچيائين مان هاڻي به سست نه رهندس ڪو نه ڪم سالڊ ڪندس جيئن سڀ ياد ڪن. هوئن به نڪمٽو وهڻ هن جي فترت ۾ نه هو.

ٻئي ڏينهن کان ئي هن سوچيو ڏيلي ڊايري ناهيان ۽ ڪم چونڊيان نه هاڻي ڪرڻو ڇا آهي؟

هن سوچيو ان جو اڻيو نه رٽاير ماڻهن مان ئي ملندو ۽ رٽاير ماڻهو گهڻو ڪري صبح سويل باغن ۾ سئر تي گهمڻ نڪرندا آهن. ٻئي ڏينهن صبح سويل اُٿي هو به پبلڪ گارڊن ۾ ويو. جيڪو زمين ٽڪر باغ لاءِ سرڪار ڇڏيو هو نه ڏسي باغ سُڃ لڳو پيو آهي. وڻ سُڪا پيا آهن. باغ ۾ گند جا ڍير لڳا پيا آهن. ماڻهو نه ڪو هو ڪونه ٻه ٽي ڪتا اُتي آرام ڪري رهيا هئا. وڏي اڳيان ويو نه ڏسي پُل تي اَٽ، ڏهه پيرسن وينا پاڻ ۾ ڪڇهڙيون ڪن.

رام رام ڪرڻ کان پوءِ هن پڇين سائين مونکي هاڻ ڇا ڪرڻ کپي؟ جئين منهنجو وقت سنو پاس ٿئي!

پهرئين چيو، ’ٻري چو تو وچين؟ يار تو کي به پوٽا پوٽيون هوندا اُنهن کي پڙهاءِ، آڪاٽيون ٻڌاءِ ۽ شام جو باغ ۾ گهمائڻ وچين نه تنهنجو وقت چٽڪين ۾ نڪري ويندو. پهرين آهن گهر جا ناڪر انهن جي شيوا ڪر نه توکي ٻڍاپي ۾ ميوا ملندا.‘

ٻئي چيو-مونکي نه پڙهڻ جو شونق آهي. روز سڃي اخبار چٽي وري ڪتابن کي ڪتريندو آهيان. ڪتابن کان سنو اسان جو ٻيو ڪو دوست ڪونهي. انهن ۾ گيان

ڪم ڪري سماج ۽ ديش جي به شيوا ڪرڻي آهي. اهو سوچي هو ڪا اهڙي يوجنا ناهڻ لڳو جيڪا ڪارگر هجي.

سوچڻ تي هن کي چوٿين بزرگ جي رٽ ڪجهه دل ۽ دماغ تي اثر ڪرڻ لڳي. هن سوچيو پبلڪ گارڊن کي سچي معنيٰ ۾ گارڊن ناهيان تڏهن ئي ڪم سالم ٿيندو، گهر ۾ ته هر ڪو پيو باغ لڳائي. گهر جا ڪم ته سڀ ڪو پيو ڪري. ڪري جي ڪو ٻين لاءِ. ٽوپڻداس اها يوجنا ڪالونيءَ جي ميمبرن اڳيان رکي.

ڪالونيءَ ۾ باغ لاءِ زمين آهي پر ان ۾ گند لڳو پيو آهي. ٻڍڙن کي وهڻ لاءِ ڇپر نصيب ڪونهين، ٻارڙا تازي هوا ۽ گلن جي نظارن کان وانجهيل آهن. مائر ۽ ڀينر صبح شام به پير ڪٽي سئر لاءِ نڪرڻ جي ڪوشش نه ٿيون ڪن جنهن ڪري انهن جي تندرستي بگڙجندي ٿي وڃي ۽ گوڏن جون تڪليفون به هر ڪنهن جي سرير کي نقصان پهچائي رهيون آهن.

جيڪر باغ هجي ته هر ڪو ان جو نظارو ڪرڻ اچي ۽ صحت به ٺاهي.

اهي ويچار سيني کي سٺا لڳا پر سيني ان ڪم کي ناممڪن سمجهي ٽوپڻداس کي نڪمٽو ڇئي ڇلتو ڪيو.

ڪجهه چندو ڪري مالهي رکڻ ۽ صفائي ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين ته ڪنهن چندو ڏيڻ به قبول نه ڪيو.

وقت ته ڪنهن وٽ هئو ئي ڪونه. ڪير ڪري

ٻنهين هٿن سان ٻنهين ٻارن جي آڱرين کي پڪڙي روز ٻارن کي بس ۾ ويهاري ايندو هو ۽ ڏرتتيءَ جو وٺي به ايندو هو. گهر وارن جو به ٽينشن ختم ٿيو ۽ ٻار اچڻ وڃڻ ۾ ليٽ به نه ٿي وڃن.

ڏينهن تتي ٽوپڻداس ٻارن جا ٽلها ٽيلها ڪٽي ايندو هو جو ٻارن جو ٽڪل منهن ڏسي هن کي ترس ايندو هو. گهر اچي ڪتاب ٽائينڪا رکندو، ٻارن جي اسڪول ڊريس مٽارائيندو، بوٽ ۽ جوراب لهرائي ٽائينڪا رکندو ۽ روٽي کارائي پاڻ وٽ سمهاريندو هو.

پر ٻار ڪٽي ٽا هن کي سمهڻ ڏين؟ بابا آڪاٽي ٻڌائي چئي سر کائي ويندا هئا.

ٽوپڻداس کي انهنجي لاءِ ٻاراٽين آڪاٽين کي پڙهڻو پوندو هو ۽ روز نئين آڪاٽي انهن کي ٻڌائي خوش ڪندو هو. ٻار بابا جي رٽايرمينٽ سان خوش هئا ۽ گهر واري ته هوند ٻارن جي ڪٽ کان ڇٽي پيئي هئي.

شام جو ٻارن کي وٺي باغ ۾ سئر ڪرائي ايندو هو گڏ سندس به سئر ٿي ويندو هو. رات جو ڪلاڪ به ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائي ۽ سبق ياد ڪرائيندو هو. ٽيوٽر جي به موڪل ڪري ڇڏي جنهن سان ٽيوشن جا پئسا به بچي پيا. سڀ گهر وارا بابا کان خوش هئا.

ڪجهه ڏينهن ٽوپڻداس پوٽن پوٽين ۾ رميو رهيو، پر هن سوچيو ته هيءُ ته پارٽ ٽائيم آهي مونکي ڪو سالم

هڪ شاعر شاعريءَ ۾ لکيو هو تہ ناسمجهيءَ سبب هن پئسن
کي پوري ان جو وڻ پوکڻ جي ڪوشش ڪئي جئين جهت
روپيا پٽي سگهان پر وڻ نہ اُڀريو. پوءِ شاعر سيم جي ڦرين
جا ٻج پوکيا ۽ انهن جي ٻارڙن وانگر سنڀال ڪئي تہ هڪ
ٻج مان ايتريون ڦريون نڪتيون جو هُن متن مائٽن ۾ تہ
ورهايون پر اوڙي پاڙي ۾ بہ ورهايون تہ بہ ڪتيون ئي ڪونہ،
تڏهن هن سوچيو اسان جي ڌرتي واقعي اسان جي ماتا
آهي، جيڪا اُن، ڦل، ڀاڄيون ڏيئي اسان جو پالڻ پوشڻ تي
ڪري. اسين هڪ ٻج پوکيون تہ هوءَ هزارين ٻج تي ڏئي.

مهينن جي محنت کان پوءِ ٽوپڻداس جي محنت
ساب پئي. چبر جي ساوڪ باغ ۾ جڻ سائي پلش جي چادر
وڇائي باغ کي سينگاري ڇڏيو هو. رنگ برنگي ٻوٽا باغ ۾
چار چاند لڳائي رهيا هئا.

سُنو ڏينهن ڏسي ٽوپڻداس ڪالونيءَ جي ماڻهن کي
نيند ڏني ۽ باغ جو مهورت سيٺ موتيرام کان گيٽ تي
ربين ڪٽائي ڪرايو ويو. سيٺ سيني لاءِ ناشتي جو بہ
بندوبست ڪئو هو.

هاڻي تہ صبح شام بزرگ لڪڻ ڪٽي باغ ۾ ئي سئر
ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، چبر تي گهمندا، ۽ ٽڪجڻ تي ويهي
ڪچهڙيون ڪندا هئا.

مائر ۽ پينر بہ ٻارن کي وني اچي گهمائڻ لڳيون
اتي ٻارن لاءِ پينگهن ۾ لُڏڻ ۽ گسڪڻ جو مزو ئي هاڻ

ايڏي مٿاپچي؟

پر ٽوپڻداس نراس نہ ٿيو. باغ جي ڪُنڊ وارو بنگلو سيٺ موتيرام جو هو. جڏهن ٽوپڻداس هن سان ڳالهه ڪئي تہ موتيرام تمام خوش ٿيو. هن تہ سائي باغ جي ڪلپنا ڪري اکيون ڪٽي ٻوٽيون. باغ جي مڇرن ۽ بانس ڪري هو اڳ ئي پريشان هو. خوش ٿي چيائين، ’سائين ٽوپڻداس، ’پڳوان توهان کي ڏينهن ڏئي. مان توهان کي ان رٿ ۾ پوري مدد ڪندس پر پائي اسين آهيون واپاري ماڻهو. سو وقت نہ ڏيئي سگهنداسين. باقي توهان اسان جي کوهہ مان پاڻي کڻي پائيپ سان باغ کي ڏيئي ٿا سگهو. منهنجو مالهي ۽ چونڪيدار ڏينهن جو توهان جي مدد ۾ توهان کي سپرد ٿو ڪيان.‘

برسات جو موسم ايندي ئي ڪم چالو ڪيو ويو. باغ جي صفائي ڪرائي ويئي. ٽوپڻداس خود ڪوڏر کڻي مٿال ٻڌيو تہ اتي جيڪي ٻار ڪرڪيٽ راند پيا ڪن سي بہ ان جو سات ڏيڻ لڳا ۽ چوڪيدار روز باغ جي چوڪيداري ڪندو هو. مالهيءَ ڇبر هٽي پاسن کان ڪياريون ٺاهي گلن جا ٻوٽا هنيا، مهني ٻن ۾ باغ، باغ لڳڻ لڳو.

ٽوپڻداس روز ٻوٽن کي وڌندو ڏسي اهڙو گد گد ٿي ويندو هو جيئن ماءُ پيءُ ٻارن کي وڌندو ڏسي خوشيءَ ۾ نہ ماپندا آهن.

ٽوپڻداس کي ياد آيو تہ هن ننڍپڻ ۾ پڙهيو هو تہ

هن جي سچي ڪتنب جو مستڪ فخر سان اونچو ٿي ويو هو. انهن کي بابا جي رٽايرمينٽ جو سچو مطلب سمجھ ۾ اچي ويو هو. ٽوپٽداس اها ڪهاوت سچ ڪري ڏيکاري هئي تہ ”همتي مردان مددي خدا.“ ٽوپٽداس کي جيون سارٿڪ لڳڻ لڳو هن کي لڳو اڄ هن جو وجود آهي.

جڏهن سنمان مهل ٽوپٽداس کي بہ اخر چوڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو ويو تہ هن چيو، ”قدرت اسان جي سچي ساٿي آهي ۽ ان مان فائدو ڪڍڻ اسان جي ئي هٿ ۾ آهي. اسان کي ڌرتيءَ اڻ ميو دان تي ڏئي جنهن لاءِ اسان کي محنت ڪرڻي پوندي.

’مون ڪالونيءَ وارن کي ڌرتيءَ جي سرهاڻ کان واقف ڪرايو ۽ اهو بہ ڏيکاريو تہ ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ ۾ ئي جيون جي سُرهاڻ موجود آهي.

مان سڀني پاڻرن ۽ ڀينرن کي عرض ڪندس تہ هو ڌرتيءَ کي سينگاري پنهنجي جيون جي سُرهاڻ ڦهلائين جس ڪمائين ۽ انساني جامي ۾ اچي مانک ديهيءَ کي سڦلو بڻائين جنهن جو نالو روشن ڪري مهاپرشن جي قطار ۾ بهڻ جي شڪتي پيدا ڪن. هر انسان جي زندگي-

شل زندگي انسان جي گلستان ٿي پوي.

هر انسان گلستان جو نگهبان ٿي پوي.

مٿيون شعر سڀني جي تاڙين جي گڙ گڙاهٽ ۾ دٻجي ويو. پر سڀني زندگيءَ جو راز سلي ورتو هو.

ڪچ ٻيو هو.

سڄي ڪالونيءَ جي ماڻهن ڏندن هيٺ آڱر ڪٽي رکي. عجب ڪيو ته ڪئين نه ناممڪن کي ممڪن بڻايو ويو هو. جن ماڻهن وقت نه هئڻ ۽ چندو نه ڏيڻ جي مجبوري ڏيکاري هئي ۽ هن نيڪ ڪم ۾ ساٿ نه ڏنو هو سي لڄي ٿي رهيا هئا ڇو جو اهي به باغ ۾ گهمڻ کان پاڻ کي نه روڪي سگهندا هئا.

سيني ڪالونيءَ جي ماڻهن جي زبان تي ٽوپڻداس جو نالو فخر سان ورتو پئي ويو. سڀڪو ٽوپڻداس کي واڌايون پيو ڏئي.

ڪالونيءَ جي سميتيءَ ٽوپڻداس جو سنمان ڪرڻ لاءِ باغ ۾ فنڪشن رکيو جنهن ۾ ڪليڪٽر ۽ پارشدن کي به گهرايو ويو. ٽوپڻداس کي شال پارائي ۽ ناريل ڏيئي هن جو سنمان ڪيو ويو.

ٽوپڻداس کي اُميد نه هئي ته ڪو هن ريت هن جي ساک وڌندي. ڪليڪٽر پردوشڻ هٽائڻ ۽ پرياورڻ کي شڌ رکڻ جي ساراهه ڪندي ٽوپڻداس کي ٻين ڪالونين ۾ به اهڙين ڪوشش سان شهر ۾ ساوڪ وڌائڻ تي زور ڏنو ۽ ان ڪم ۾ سرڪاري سهيوگ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڪليڪٽر باغ لاءِ هڪ مالهي ۽ صفائي ڪرمي سرڪاري خرچ تي مقرر ڪيو.

سنمان ملندي ٽوپڻداس ته ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي پر

تہ نظر ترڪي اچي هلوائيءَ جي ڪم تي پئي. پاپي جنهن قرتيءَ سان آئي هئي هلي وئي پر مونکي منهنجي ڏيوٽي ڏانهن سجاڳ ڪري ويئي.

پلا پائنئيءَ جي شادي ۾ مونکي بہ تہ ڪا ذميواري نڀائڻ کپي يا نہ؟ منهنجي پاجائي ڪم ڪرڻ ۾ خود تہ شاطر آهي ئي پر بين کان ڪم وٺڻ ۾ ان کان بہ وڌيڪ استاد آهي. هن کي خبر آهي تہ ڪنهن کان ڪهڙو ڪم بخوبي وني ٿو سگهجي.ان ڪري هن ڪمن جو ورهاڱو ڪري پاڻ کي تہ بالم بڻائي ڇڏيو ۽ بئي جي ڳلي ۾ نوڙي وجهي باندر وانگر نچائڻ جو پارٽ عدا ڪيو.

اسين بہ خوش تہ وشواس رکي پاپي اسان کي ذميواري تہ ڏني. هوءَ بہ خوش تہ هن جو بار بہ هلڪو ٿيو ۽ ڪم بہ سهڻو ٿي ويو.

هلوائي تہ مٺائي ٺاهڻ ۾ مشغول آهي. ڪجھ زنانيون روٽي ٺاهڻ ۾ مشغول آهن. اڄ ڪلهہ زالون شادين ۽ پارٽين ۾ روٽيون ٺاهڻ ۾ اهڙيون تہ استاد ٿي ويون آهن جو هلواين جي تہ هنن ڇُٽي ڪري ڇڏي آهي. پلا هلواين کان سستيون ۽ ڪم ۾ بہ ڦرتي تہ پوءِ اهي ئي ڇو نہ ڪم ڪن. اسان کي ٿيو انبن کائڻ سان مطلب، وڻ ڳڻڻ سان ڪهڙو ڪم؟

ها تہ انهن زنانين ۾ ٽي چار زالون ڪم ڪرڻ ۾ مشغول هيون انهن مان هڪ زناني تي ئي هر هر منهنجي نظر جو فوڪس پيو فٽ ٿئي ۽ ڪٿي بہ بئي هنڌ نظر ڪُپي

امڙ جو عڪس

شاديءَ جي هن گهماگهميءَ ۾ چت لپائڻ جا گهڻائي نظارا هئا جيئن تہ ننڍڙن ٻارن جو رنگبرنگي پوشاڪن ۾ ڪِلڪاريون هڻي هيڏانهن هوڏانهن ڀوڙندي هڪ ٻئي کي ڇيڙي ۽ ڊوري وڃي ماءُ جي گود ۾ لڪڻ.

ٻئي پاسي وري جوانيءَ جو جلوو ڏيکاريندي ماڊرن پوشاڪن ۾ سجيل ڀُوا نائڪائون ميڪ اپ ۾ هڪ ٻئي کان بازي مارينديون، روپ چٽاپيٽيءَ جي موڊ ۾ ساهيڙين سان کل-کل ڪنديون، اکيون ڇڙني پاسي مٽائينديون تڪڻ تہ هو گهڻن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿيون؟ نائڪا جي روپ ۾ هوءَ کهڙي نمبر تي آهي ۽ اهو تاڙڻ جي ڪوشش ڪندي ساهڙين سان نخرن سان ڳالهائيندي هاءِ-ٻاءِ ڏيکارڻ جي ڪوشش جا نظارا...

ٽئين پاسي نايڪن جو جهڳٽ پنهنجي فلمي انداز سان وارن کي جهٽڪيندا. ايڪٽرن جي نقل ڪندي پاڻ ڏانهن نائڪائن جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش جا نظارا...

پر انهن سڀني نظارن کان ترڪي نظر اچي ٿي هڪ هنڌ لڳي. چوندا آهن تہ من جي ڪتي ۽ نظر جي تيزي تہ هوائي جهاز جي چال کان بہ زور آهي. انهين مٿان پلا ڪنهن جو زور ٿو هلي سگهي.

ايتري ۾ ياجائيءَ اچي ڪن ۾ ڪجھ ڪسڦس ڪئي

لڄائي وڌو. اڙي هي وري ڇا ڪيئه؟ سنبوسو ۽ چٽڻي ڪٽندي هٿ ڪٽي چاچيءَ جي ساڙهيءَ سان اگهيئه. چاچيءَ جو منهن ڏسڻ وٽان هو ۽ وينلن مٿن مائٽن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. چاچيءَ به پنهنجو غصو ڍڪڻ لاءِ هن ڪل ڪل ۾ شامل ٿي ويئي.

چانهن جو جهميلو لٿو ته روٽيءَ جي تياريءَ لاءِ حدايت ڪرڻي پئي. ها ته چانهن پيئندي وري منهنجون اکيون هن ڪمر ڪندڙ زنانيءَ تي کُتيون. هينئر مون هن کي چتائي ڏٺو. هوءَ ڪافي عمر کائي چڙهي هئي. هن جا وار ڪچڙي ۽ منهن جي چمڙيءَ تي گهنج هن جي ٻڍاپي جو راض سلي رهيا هئا. ٿلهي پوري رنگ جي فريم ۾ ٿلها شيشا هن جي جهڪي نور کي روشني ڏيئي رهيا هئا. اکين ۾ نااُميديءَ جو عقص ۽ نراسائيءَ جو راڄ، هن جي زندگيءَ جي ٻوجهه نه ڍوئي سگهڻ جي شڪايت ڪري رهيا هئا.

پر هوءَ ڪم ۾ ڦرت هئي. چانهن کان پهرين هوءَ ڀاڄيون ويڙي رهي هئي ۽ هينئر هو چانهن جا باسڻ ملي ٿڌي پاڻيءَ ۾ ڌوئي رهي هئي. باسڻ جا ڍير ڏسندي ئي مون ته منهن کٽي ٻئي پاسي ويرايو.

وري نظر نظارا ڪنيا. پاڻتيو اڄ هيرو ٿيو پئي گهميو. ٻن ڏينهن کان پوءِ شادي اٿس خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي. خود ڊاڪٽر آهي ۽ زال به ڊاڪٽر ٿي مليس ته پلا چو نه خوش

ئي نہ پئي.

ايتري ۾ پائٽي ڊوريندي آئي، بئي (پڦي کي هوءَ بئي چوندي آهي) ’ممي چوي ٿي تہ چانهہ ۽ ناشتو تيار آهي يا نہ؟ ٽيبل تي لڳارايو، سڀ چانهن جو انتظار ڪري رهيا آهن.‘

مان هڪدم چوڪس ٿي ويس. هونئن تہ سڀ تيار هو بس ٿهڪيل پاڻي لاهي چانهن پتي وجهڻي هئي. ڦرتيءَ سان چانهن ناشتو ٽيبل تي لڳارايو تہ سڀ اچي ٽيبل وٽ جهڳٽ ٿيا.

ڪرسين تي ڪجهہ بزرگ مرد ۽ زنانيون ويٺا هئا ۽ ننڍي ٿهيءَ وارا تہ وهڻ شان جي خلاف پيا سمجهن جو فيشن اڄ ڪلهہ بفو سسٽم جو آهي. وهڻ سان ڪپڙن جي ڪريز بہ خراب ٿيڻ جو ڊپ آهي.

مونکي اڄ اهو ڏسي عجب لڳو تہ چاچي اڄ وارن ۾ ڪجاب هٽائي ڪارا ڪرائي آئي هئي. شايد شاديءَ لاءِ چشمو بہ نئون نهرايو هئائين. فريم چم چم چمڪيس پئي. اڄ تہ ڪير ڪونہ چوندو تہ هوءَ ڪو پنجن سالن جي آهي. هونئن تہ چاچي ستر سالن کان گهٽ نہ لڳندي آهي. بيون سڀ متياڻيون پاڻ کي جوان ڏيکارڻ لاءِ نقلي ساڌنن جو استعمال ڪري آيون هيون جئين بڍاپي کي نڪاري سگهن. پر هيءُ ڇا؟ چاچي جو پوتو پليٽ کڻي ڪائيندو اچي چاچيءَ جي هنج ۾ وينو. بيلي، هن تہ ڏاڏي چئي چاچيءَ کي

تو لڳي.

اکين ۾ ممتا ڀري، نينهن ڀري مائيڙيءَ جي مورت تري آئي. مائيڙي ڪيڏو نہ منو لفظ آهي. دنيا جي سڀني نعمتن کان وڏي نيامت امڙ ابو، اڻ ليو. هاڻي مونکي منهنجي جنني، جنم دائري ،مائيڙيءَ جي ياد ايتري قدر اچي گهايل ڪيو جو مان پاڻ روڪي نہ سگهيس، منهنجي اکين مان لڙڪ ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. مان من جي پياس لاهڻ لاءِ يڪٽڪ ٻيڏڙيءَ کي ڏسڻ لڳيس، پر ڳوڙهن جي ڪري اکين تي ڌنڌ هئڻ سبب هن جي صورت بہ ڌنڌلي نظر اچڻ لڳي.

سوچيان پئي هيءَ امڙ، هن عمر ۾، هن ٻڍاپي ۾ جڏهن زندگيءَ جي شام ۾ هن کي آرام ڪرڻ گهرجي. سڄي عمر وهي وهي سائي پٽڻ جي ويلا ۾ هوءَ اهڙي ٽڏي پاڻيءَ ۾ ويني باسڻ ڌوئي. مونکي ڏسندي ئي سيءُ پيو پوي، پر هوءَ پنهنجي ڪم ۾ اهڙي تہ مهم هئي جو هن کي تہ پنهنجي ڪم کان سواءِ ڪا سمڪ ئي نہ هئي. ڪم پوڄا آهي پوءِ هو کهڙو بہ هجي ننڍو چاهي وڏو بس لڳن سان ڪجي اها سکيا ڪير هن کان سکي.

مونکي منهنجي عمر جيڪا هن شاديءَ جي موقعي تي بہ نہ اچي سگهي هئي تهي دل سان ياد اچڻ لڳي.

مون ٻيڏڙي امڙ کي سڏ ڪري چيو، ’امان توهان هن عمر ۾ ايڏو ڪم ڀيا ڪيو چا توهان کي بار ڪونهي؟

تئي؟

هوڏانهن ڪير لاڏو پيو ڳائي-

نن‍ڍڙي مليس ڪنوار لاڏو چو نہ مرڪي

سهڻي مليس ڪنوار لاڏو چو نہ مرڪي

هتان ڪان هُتي ۽ هُتان ڪان هتي ڦيرا پائي سيني سان ڪجھ ڪجھ ڳالهائي رهيو آهي. اڄ تہ هر ڪو هن سان ڳالهائڻ لاءِ آتو آهي، وجهہ پيو ڳولهي پر گهوٽ راجا جلد جند ڇڏائي پنهنجي متر منڊليءَ ۾ وڃي ٿو ساهہ پٽي.

ڪافي وقت انهن نظارُن ۾ نڪري ويو تہ وري اچي نظر ٻڍڙي امڙ تي پئي. هوءَ اڃان باسڻ ۾ رڌي پئي هئي. مهينو هو ڊسمبر جو پر هن کي ڄڻ سيءُ ئي نہ پئي پيو. شال بہ لاهي ڪناري رکي ڇڏي هئائين تہ متان ميري ٿي وڃي.

من ۾ اونڌمانڌ تہ پلا هن ٻڍڙيءَ سان منهنجو ڪهڙو ناتو؟ هيڏو لڳاءُ ڇو ٿو پيو ٿئي؟ هيڏا نظارا ڇڏي نظر اتي اٽڪي ڇو ٿي؟

ڪجھ سمجھ ۾ ئي نہ پيو اچي. سوچيان ئي پئي هن جي صورت ڪنهن جي صورت سان ميل ٿي کائي؟ پر ڪنهن جي؟ اهو ياد ئي نہ پيو اچي.

اڪيون ٻوٽي مٿو ڪنهيم ڪجھ ڌيان ڪرڻ سان هڪ صورت سامهون آئي. ياد ڇٽي ٿي آئي، اڙي اها صورت تہ منهنجي امڙ، منهنجي جيجل، منهنجي جننيءَ جو عڪس

ساٿيون اچي پهتيون ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم ڪي جنبي ويون.

مان تہ سڀ ڪم پلجي بس امڙ جي عقص ڪي ئي هن امڙ جي صورت ۾ پئي ڏسان. جيترو پئي ڏسان اوترو منهنجي امڙ جي صورت هن جي عقص ۾ هوڻ وڌيڪ پئي نظر اچي.

اها ئي سنهڙي ۽ ڏکي ڪٺ ڪاني، هڏين جو پڃرو هيءَ بہ هئي پر هن ۾ اجان ڪم ڪرڻ جو جزبو ۽ سرير ۾ ڦرتي هئي.

بئي ڏينهن وري هن سان ڳالهائڻ کان پاڻ کي مان نہ روڪي سگهيس. سڌ ڪري ڳالهائڻ لڳس من ماءُ جي سڪ پوري ڪري سگهان.

پوءِ امڙ توهان جي ڇوڪري ڪيئن؟

امان منهنجي ڇوڪري لکن ۾ هڪ، جهڙي نجو سون. هوءَ تہ پڙهيل آهي ۽ نوڪري بہ ڪندي آهي. چوي بہ ٿي امان توهان مون وٽ هلي رهو. پر مان نياڻيءَ وٽ ڪئين وڃان؟ جيستائين هڏين ۾ طاقت آهي هلندس اڳيان بہ رکڻ وارو لڇ رکندو.

پلا ڇوڪرا ڇو ڪونہ پڙهيا؟

’نندي ئي پيءُ گذاري وين. پيءُ جي گذرڻ کان پوءِ ويا هٿن مان نڪرندا. نڪو پڙهيا نڪو ڪو هنر پرايائون. هاڻ مان ئي ڪم ڪيان ۽ گهر هلايان. هو اچي نهي نڪي

هن يڪدم چيو، ’نه امان ائين نه چئه جيئندڙ منهنجا به جوان پٽڙا آهن ۽ هڪ سڪيلڌي ڌيئڙي به آهي. ڇوڪري ته شادي ڪري ساهرن ۾ سکي آهي پر ڇوڪرا سڌي پير تي ڪونهن.

ائين چوندي هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ڳلو گهگهجي ويس ۽ اڳيان هوءَ ڪجهه ڳالهائي نه سگهي.

رات جو روٽي ڪارائي باسڻ صاف ڪري امڙ بين ڪم ڪندڙ زالن سان پنهنجي گهر هلي وئي.

سڄي رات مونکي ننڊ نه آئي. سوچيان پئي ڏس قدرت جا ڪرشما منهنجي امڙ جا ٻئي پٽ سڌي پير تي آهن ايشور جي ديا سان گهر ۾ ڪا ڪمي ڪونه اٿن، گهر خوشحاليءَ سان ڀرپور آهي صرف امڙ جي تبيعت ئي ناساز ٿي رهي. هوءَ ته هاڻي بستري سان چنبڙي پئي آهي. هڏين جو پڃرو رهجي وئي آهي. گهڻي اُٿ ويهه به نه ٿي ڪري سگهي. سرير ڪمزور، بيزار، بيمار ۽ لاچار لڳو پيو اٿس. ڪنهن ڳالهه ۾ من ئي نه ٿو لڳيس. سچ آهي تندروستي هزار نعمت آهي.

مونکي لڳو ته هن امڙ وانگر منهنجي امڙ اُٿي اچي سگهي ها ته هن شاديءَ ۾ چار چنڊ لڳي وڃن هان. وڏڙن بزرگن کي ننڍڙن جي ول وڌندي ڏسي ڪيڏي نه خوشي ئي ٿئي ان جو بيان لفظن ۾ ڪرڻ ناممڪن آهي.

ٻئي ڏينهن صبوح ساڻ ٻيڏڙي ۽ هن جون سنگي

هن کي سندس سوال جو جواب ملي ويو هو.
هن شال لپيٽي ۽ نراس قدمن سان ٻاهر هلي ويئي.
هميشه لاءِ.

اڄ سال گذري ويا آهن پر مان هن سان وري نہ گڏجي سگهي آهيان. من ڪندو آهي امڙ جي عقص سان هڪ دفعو تہ وري گڏجان. ذهن تان هن جي ياد وسري ئي نٿي. ذهن ۾ اڄ بہ سوال اندر ۾ ولوڙا مچائي رهيا آهن....

'امڙ ڇا اڄان تائين ڪم ڪري جوان پٽن جو پيٽ پاليندي هوندي؟'

'ڇا اڄان هن ۾ ڪم ڪرڻ جي شڪتي رهي هوندي؟'

امڙ کان پوءِ هن جا پٽ ڇا ڪندا؟

اهي سوال سوچي دل انهن جا جواب ڳولهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهي. اندر ۾ سوالن جو طوفان ايڏي تباهي مچائيندو آهي جو ننڊ منهنجي اکين کان ڪوهہ پري ڀڄي ويندي آهي.

روئي ٿي وهن.

امڙ جي حالت تي پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هوءَ عجب ۾ پئجي ويئي ڀلا تون ڇو ٿي روئين؟

’امڙ مونکي تنهنجي بيبسيءَ تي روئڻ اچي ويو ٻيو تہ توکي ڏسي منهنجي امڙ مونکي ياد اچي ويئي. هوءَ تہ ڪٿ تي پئي آهي بلڪل شڪل شيپ تو جهڙي. تو ۾ مان پنهنجي امڙ جو عقص پئي ڏسان.

هنن منهنجا ڳوڙها اگهندي پيار سان چيو، ’نہ روءُ مان بہ تنهنجي ماءُ جهڙي ئي آهيان.‘

امڙ ايمان جو اهڙو وڏو مثال جو شاديءَ کان پوءِ ڪيترين شيون ٻچي پيون پر هن هڪ ڪي هٿ نہ لاتو جيڪي مان هن کي هٿ سان ڏنو سو هن قبول ڪيو.

موڪلائڻ مهل مون چيو مانس، ’ڀلا امڙ منهنجي لائق ڪا شيوا هجي تہ ٻڌايو.‘

هن منهنجي منهن ڏانهن آسائتي اکين سان نهاريندي چيو، ’منهنجي هڪ پٽ کي ڳوڊ کڻندا؟

مان عجب ۾ پئجي ويس من ۾ چيم ڇوي ٿي پٽ سڌي پير تي ڪونهين اهڙي ٻار کي ڳوڊ کڻي ڇا مان امڙ وانگر عمر ڀر روئيندي رهندس ڇا؟

هن جو سوال ئي منهنجي لاءِ وڏو مسئلو هو. مان هن کي اکين کان پنهنجون اکيون چورائي ڌرتيءَ تي کڻي ڪپايون.

موڙو اچي ويو آهي. پير ڪافي سڄي پيو اٿس جنهن جي علاج لاءِ هن کي اسپتال ۾ پرتي ٿيٽو پيو آهي.

ملٽري اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ نرسون ئي مريض جي اهڙيءَ سنڀال ڪندا آهن جو پنهنجن جي ته هتي ضرورت ئي نه پوندي آهي. ها وقت به وقت راجيش جا ساٿي اچي هن سان گڏجي گپ شپ هڻي ويندا آهن.

شام جو وقت آهي. راجيش جو همدم دوست دليپ هن سان اڄ جي سڄي ڏينهن جي ڪاريه ڪرم جي جانڪاري ڏئي رهيو آهي. ايتري ۾ ليڊي ڊاڪٽر مٿان سينڊل جي ٺڪ ٺڪ ڪندي لهي ٿي. سيني مريضن جو ڌيان ڊاڪٽر تي وڃي ٿو کپي. ڊاڪٽر راجيش جي پلنگ ڏانهن وڌي ٿي. دليپ اٿي ڊاڪٽر کي وش ٿو ڪري ۽ راجيش سان ڊاڪٽر جي سڃاڻپ ٿو ڪرائي.

’راجيش هيءَ اٿئي ڊاڪٽر چندرا ۽ ڊاڪٽر هيءَ اٿو منهنجو لنگوٽيو يار ڪيپٽن راجيش.‘ ڊاڪٽر چندرا راجيش جي شڪل ته چتائي نهاري ٿي.

راجيش جا ڪارا-ڪارا گهنگهرالا وار، چمڪندڙ ڪاريون اکيون جن ۾ ايندڙ زندگيءَ جا سونهري سپنا سجيل آهن، آشاوادي ۽ جيون سان پرپور. راجيش هڪ ناهوڪو نوجوان آهي. قداور جسم جو مالڪ. واقعي

ديش جي صدقي

مسوريءَ جي مال روڊ تي ويساڪين جي ٽڪ ٽڪ ڪندي راجيش سان گڏ خوبصورت چندرا کي ڏسي روڊ تي هلندڙ هر راهگير جي بي ميل جوڙيءَ تي پوڻ بنان نہ پئي رهي سگهي.

گهڻا من موجي تہ هن جوڙيءَ کي ڏسي ڪلي هن شوخ حسينا تي رمارڪ پاس ڪري هن جي ڪلي پيا اڏائين.

پر چندرا تہ هنن جي ڪلءِ رمارڪ کان بيخبر راجيش سان هني مون ملهائڻ جو پورو مزو وٺي رهي هئي. هن کي ڪنهن جي رمارڪ پريشان ڪونہ ڪيو. هن کي فخر هو پنهنجي راجيش تي جنهن ديش جي صدقي پنهنجي ٽنگ جي قرباني ڏيئي پنهنجي ماترڀوميءَ جي قرض کي لاهي پنهنجو ٻاٽ اوچو ڪيو هو.

چندرا پنهنجن خيالن جي پنور ۾ ڦاسندي انهن ۾ گم ٿي وئي. هن کي راجيش جي پهرين ملاقات ياد اچي ماضيءَ جي منڙي چولين ۾ هچڪولا کائڻ لڳي...

ملٽري اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ ڪيپٽن راجيش پلنگ تي ليٽيو پيو آهي. ٽريننگ پريڊ ۾ اڀياس جي دوران راجيش کي مٿان ٽپ ڏيندي پير ۾

پهرئين ئي ملاقات ۾ ٻئي دل هڪ ٻئي جي حوالي ڪري ويٺا. اهڙي ڳالهه نه هئي ته راجيش هن کان اڳ خوبصورت ڇوڪريون ڏٺيون ئي ڪونه هيون پر انهن ۾ اهو سليڪو اهي ڳڻ موجود نه هئا جيڪي چندرا ۾ هئا. جهڙو هوءَ هئي خوبصورت ان ۾ سون ۾ سهاڳو هو هن جو پيشو. ڊاڪٽر مطلب شيوا جي پاونا.

چندرا کي وري راجيش جي اکين موهي وڌو. هوءَ بين مريض جو به معائنو ڪندي جيستائين وارڊ مان نڪري نه وئي تيستائين راجيش جي اکين هن جو پيڇو نه ڇڏيو.

چندرا به اکيون چورائيندي هر هر راجيش کي ڏسندي رهي. چوندا آهن دل کي دل سان راحت رهندي آهي. ڏينهون ڏينهن راجيش ۽ چندرا جو پيار سڄي اسپتال ۾ مشهور ٿي ويو ۽ راجيش جي ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ به هو گڏجندا رهيا.

ان وچ ۾ ويلنٽائين ڊي تي راجيش چندرا جي نيند تي هن جي گهر گلابي گلن جو گلدستو ۽ ڪارڊ ڪٺي ويو. ان ڏينهن ئي چندرا جي پيءُ سان هن جي ملاقات ٿي.

واسديو ملڪاڻي ڪرنل جي پوسٽ تي ملٽري ۾ ئي آفيسر هو. هو تمام سنجيده ۽ سلجهيل انسان هو.

راجيش جي اچڻ تي هن انهين جي آجيان

ئي ملٽري آفيسر پئي لڳو. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو.

راجيش بہ ڊاڪٽر چندرا کي وش ڪري ان تي اکيون کپائي ٿو. چندرا ڄڻ سرڳ جي اپڇرا وانگر آسمان تان ڌرتيءَ تي لهي آئي هئي. گلابي سلوار ڪرتي ۾ چنيءَ ۾ هن جي سندر سونهري بدن هيڪاري گلابي گل جيان پيو نظر اچي. ڳل گلابي گمن جي مشاهبت پيا ڪن. ڊريس جي مٿان هاف اڇو ڪوٽ جيڪو ڊاڪٽر جو سڃاڻپ جو سئمپل آهي. ڳلي ۾ اسٽيٿسڪوپ پئي لٽڪيس. ڊريس سان ميچ ڪندا ڪنن ۾ گول ننڍڙا ٽاپس ڄڻ هن جي خوبصورتيءَ ۾ چار چند لڳائي رهيا هئا. ڳلي ۾ سنهين سوني جي چين ۾ ٽوپس جهڙو گلابي لاڪيٽ چندرا جي پسند جي راجيش من ئي من ۾ ساراهہ ڪرڻ لڳو. ڏائي هٿ جي ڪرائيءَ ۾ چمڪندڙ ليڊيز رسٽ واچ.

چندرا راجيش جي چارٽ جو معائنو ڪندي پير جي جاچ ڪئي ۽ دليپ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي وئي. دليپ چندرا کي سڃاڻيندو هو جڏهن تہ راجيش هن کي پهريون دفعو ڏسي رهيو هو.

چندرا جو آواز منو جهڙو مصري ۽ ان سان گڏ هئي هڪ موهڪ مسڪان. مسڪرائيندي ڳل ۾ جيڪو ڊمپل پيو پويس راجيش ڄڻ ان ۾ وڃي ڪريو ۽ وري نڪري نہ سگهيو.

ڪٿ نہ ڇڏيائين ۽ سال کان پوءِ وچي اُن سان ملي.'

راجيش، 'تڏهن مونکي لڳو تہ تنهنجي پيءُ جي اکين ۾ مون سان گڏجڻ مهل ڳوڙها اچي ويا هئا شايد انهن کي پٽ جي ياد اچي وئي هوندي.'

بيئرو ڪافي کڻي آيو ۽ ٻئي پيئڻ لڳا.

ڳالهين ۾ ڪيڏي مهل رات اچي تي خبر ئي نہ پين. جڏهن چندرا جو پيءُ شام جي سئر تان واپس موٽيو تہ ٻنهين کي هوش آيو. راجيش هڪ دم اُٿي کڙو ٿيو ۽ ڪرنل واپس هن کي وهاريندي ٻئري کي راجيش جي روٽي ٻہ ناهڻ جو آرڊر ڏنو.

ملٽري وارا تمام ڪشادي دل ۽ ويچارن جا ٿيندا آهن. جيون ۾ ايٽ، ڊرنڪ ۽ بي ميري جو اديش کڻي هلندا آهن. پر انهن ۾ بہ انساني جزبا برپا هوندا آهن. جن ۾ ڪٽنب لاءِ پيار، محبت سان گڏ ماترڀومي لاءِ مري مات ٿي وڃڻ جي تمنا جو جزبو دل جي اندرينءَ تهہ تائين پريل هوندو آهي.

چندرا ۽ راجيش جو پيار پروان چڙهيو. ٻنهين عمر پر گڏ رهڻ جا واعدا ۽ اقرار ڪيا ۽ پوءِ راجيش پنهنجي پوسٽنگ ڊيوٽيءَ تي هليو ويو.

ٻئي هڪ ٻئي جي خط جو بيسبريءَ سان انتظار ڪندا هئا. پر چوندا آهن تہ ٻندي جي من ۾ هڪڙي تہ صاحب جي من ۾ ٻي. قدرت اهڙي اچي ٻڻي جو

ڪندي هن کي ڳلي لڳايو. ان وقت هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. اهو راجيش کان لڪل نہ هو. واسديو جلد اتان هليو ويو ۽ چندرا کي سڏ ڪرائي هن جي لاءِ ڪافيءَ جو بئريءَ کي آرڊر ڏيئي نڪري ويو.

چندرا ۽ راجيش پاڻ ۾ منيون منيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. سامهون هڪ ڇاهوڪي نوجوان جي تسوير تي تازن گلن جي مالها پاتل ڏسي راجيش پڇيو، 'چندرا هيءَ تسوير ڪنهن جي آهي؟ چندرا ڀاو ڀري نظرن سان تسوير ڏانهن نهاريندي چيو، 'راجيش هيءَ منهنجي سڪيلڌي ڀاءُ جي تسيوير آهي هو بہ ملٽريءَ ۾ ڪيپٽن هو پر اڳين لڙائيءَ ۾ هو دشمن جو مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو.'

ايترو چوندي چندرا روئڻ لڳي. ايتري قدر جو اوڇنگارون ڏيڻ لڳي. راجيش ڀريون دفعو هن کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو، 'آءِ ايم ساري، تو تہ مون سان اهڙي ڪا ڳالھ ئي ڪونہ ڪئي.'

چندرا کي ڀاڻي پياري هن اڳتي چيو، 'چندرا تون پنهنجي ڪٽنب جي باري ۾ تہ ڪڇ ٻڌايو ئي ڪونهين!'

چندرا چيو، 'اهڙو ڪو موقعو ئي ڪونہ آيو. اسان گهر ۾ ٻئي ڀيءُ ڌيءُ ئي آهيون. ڀاءُ جي شهيد ٿيندي ئي ممي بيمار رهڻ لڳي ۽ پٽ جي وڇوڙي ۾ وري

هن کي ان ڏِپ جي ساگر مان آتت جي لهرن سهاري پار ڪرائي هوش ۾ آڻيندو هو. پر ڳهڻا ڏينهن؟

چندرا کنهن حال ۾ راجيش کي پلجڻ لاءِ تيار نہ هئي.

آخر چندرا ارادو ڪيو تہ هوءَ بہ سرحد تي وڃي زخمين جوانن جي شيوا ڪري پنهنجي من کي شانت ڪندي. ٿي تو سگهي هڪ ڏينهن راجيش بہ هن کي اتي ملي وڃي.

چندرا جي پيءُ کي بہ اهو سجهاءُ سنو لڳو پر اولاد جي چريءَ هن کي موهہ جي زنجير ۾ جڪڙي وڌو چيائين، 'پٽ اڪيلي ڌيءُ انهين کي بہ موڪلي ڇڏيان تہ مان اڪيلو ڪنهن جي سهاري جيئندس؟

ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي روئڻ لڳا. پر پوءِ فوجي فرض ڪٽيو ۽ چندرا کي سرحد تي وڃڻ جي اجازت ملي. سرحد تي تہ ڊاڪٽر جي سخت ضرورت هئي، جلد ئي چندرا جي وڃڻ جو بندوبست ٿي ويو.

چندرا هر زخمي فوجيءَ جي شيوا لڳن سان ڪندي هئي. چوندا آهن جتي چاهہ اتي راهہ.

راجيش کي ٽنگ ۾ گولي لڳي هئي پر دشمن هن کي مئل سمجهي ڇڏي هليا ويا. گولي ڪافي وقت نہ نڪرڻ سبب ڪافي رت وهي ويو هوس ۽ زخم بہ ڳهرو ٿي ويس. جيئن ئي راجيش اسپتال ۾ پهتو چندرا هن جي شيوا ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو پر ڪوشش

دشمن پارت تي اچي ڪاهه ڪئي ۽ راجيش کي ديش جي رکشا واسطي سرحد تي موڪليو ويو.

هاڻي ته چندرا جو من ويڳاڻو رهڻ لڳو. ايشور کي ٻاڏائيندي هئي ته راجيش سک سان واپس موٽي ته ٻئي سونهري سنسار ۾ نئين جيون جيّ شروعات ڪن.

پر هڪ ڏينهن ٽي ويءَ تي خبر پئي ته ڪيپٽن راجيش سرحد تي دشمن جو تمام همٿ سان مقابلو ڪندي هن کي سيما تان ڪديڙي پنيان پير ڪري ڀڄڻ لاءِ مجبور ڪيو. اڪيلي راجيش دشمن جي ڏهن سپاهين کي ڌرتيءَ تي ليٽائي ڇڏيو. پر ان ڪان پوءِ راجيش لاپتا آهي ۽ هن جو ڪوبہ سماچار ڪونهين.

ايترو ٻڌندي چندرا کي ته هوش ئي نہ رهيو. هوءَ سوچڻ لڳي ضرور راجيش دشمن جي هٿ چڙهي ويو آهي. هن کي خراب خيال ۽ سپنا اچي ڏڪائي ڇڏيندا هئا. سپني ۾ ڪڏهن هوءَ ڏسندي هئي ته راجيش کي زنجيرن ۾ جڪڙي سپاهي بيدرديءَ سان گيلهي پيا وجن. ڪڏهن ڏسندي راجيش کي گولي لڳي آهي. هو زخمي حالت ۾ بکيو پياسو ريگستان جي بيابان ۾ اڪيلو پيو آهي. ڪڏهن ڏسندي راجيش کي دشمن ماري ڇڏيو آهي ۽ اڪثر هوءَ ٻجي نند مان جاڳي ويندي هئي. پگهر هن جي پيشانيءَ تان ريلا ڪري وهڻ لڳندو هو ۽ اهڙي وقت هن جو پيءُ ئي

ٻهر ونئي آئي ۽ پوءِ ويساکين جي سهاري راجيش کي هلايو ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ دشمن پويان پير ڪري ڀڄندا نظر آيا.

٢٦ جنوريءَ تي راجيش کي ماترڀوميءَ جي رکشا ڪندي جان جوکم ۾ وجهي بهادري ڏيکارڻ تي 'وير چڪر' ملڻ جي گهوشڻا ٿي.

چندرا راجيش کي وهيل چيئر تي وٺي راشٽرپتيءَ کان 'وير چڪر' ڏيارڻ مهل ايترو تہ خوش هئي جيتري ڪڏهن نہ ٿي هئي. هن جو ٻات فخر سان اوچو ٿيئي ٿيو. پريان لائوڊ اسپيڪر تي ويرتا جو هيءَ شعر ڳانو پيو وڃي-

ڀارت منهنجو ديش مهان

بلند آ ان جو جڳ ۾ استان

وير سپوتن جو جت واسو

سدا رکون شل هن جو ڌيان

ڀارت منهنجو ديش مهان

ڪندي بہ هوءَ راجيش جي ٽنگ کي ڪٽائڻ کان نہ بچائي سگهي جو ٽنگ ۾ زهر ڦهلجي ويو هو.

ٽنگ ڪٽجڻ کان پوءِ راجيش نيڪ ٺيڪ ٿيڻ لڳو پر هاڻي اپاهج ٿيڻ ڪري هو چندرا کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن چندرا روئيندي چيس، ’راجيش اڄ ڪلهہ تون مونکان خفا ٿو رهين سو ڇو؟

راجيش جواب ڏنس، ’چندرا هاڻي مان اپاهج آهيان. پيار ڪرڻ ۽ زندگي گذارڻ ٻئي الڳ الڳ ڳالهيون آهن. تنهنجي وڏي زندگي پئي آهي هاڻي صرف پاوڪنا سان ڪم نہ هلندو. اسان کي حقيقي سچائيءَ جو مقابلو ڪرڻو آهي. تون ڪنهن سٺي نوجوان سان شادي ڪري سکي جيون گذار، منهنجي سچي خوشي ان ۾ ئي آهي ۽ مان توکي اها نيڪ صلاح ٿو ڏيان.‘

ايترو اپديش ٻڌي چندرا زار-زار روئڻ لڳي. چيائين، ’هندو استري جنهن سان زندگيءَ ۾ پيار ڪندي آهي، شادي بہ انهيءَ سان ئي ڪندي آهي، تون ئي منهنجو پهريون ۽ آخري پيار آهين. شادي تہ مان تو سان ئي ڪندس نہ تہ ڪنواري رهندس. جيڪر اهو حادثو شاديءَ کان پوءِ ٿئي ها تہ مان ڇا ڪيان هان؟‘

چندرا جا پختا ويچار ڏسي راجيش ۽ چندرا جي پيءُ کي هار مڃڻي پئي.

چندرا راجيش کي نيڪ ٿيندي ئي پنهنجي

رواج آهي.

اڄ ببوءَ جي ڇٺي آهي، ڇهين ڏينهن ڇٺي ٿيندي آهي، پنڊت کي گهرايو ويو هو، جنهن ڇٺي ناهي ببوءَ جي مٿان ڪان رکي ۽ گڏ قلم به. پوءِ پنڊت ڪجھ منتر اچارڻ ڪيا ان وقت امان ڳڙ جي مني ماني ڪائيندي وئي ۽ پنڊت ببوءَ جو نالو ببوءَ جي ڪن ۾ ٻڌايو. ببوءَ ته نالو الاءِ ٻڌو يا نه پر سيٺي پاسي واڌايون وري ويون.

سيٺي چيو مهراج نالو ماڊرن رکجو متان پراڻي زماني جو رکو ته پوءِ پيو عمر ڀر توهان کي ياد ڪري.

مهراج به هو ماڊرن چيائين توهان جي مرضي جيڪو رکيوس 'پ' تي رکجوس. سيٺي گهڻائي نالا ٻڌايا آخر 'پريم' نالو سيٺي کي وڻيو ببو هاڻي 'پريم' هو.

بابا پڇڻ لڳا، 'مهراج هن جو ڀاڳ ته سنو آهي؟'

مهراج، 'سائين هيءَ ته راڄ ڪندو. موٽرن ۾ گهمندو. بنگلن جو مالڪ ٿيندو. مزا ماڻيندو. بابا خوش ٿي گهڻي ڏڪڻا مهاراج کي ڏني. مهراج به خوش ٿي روانو ٿي ويو.

پوءِ هليو روئڻيءَ جو دور شروع ٿيو. ڪافي طعام نهرايا ويا هئا ۽ منائين جي به ڀرمار هئي.

پريم لاڏ ڪوڏ ۾ پلجندو هو. هن جي کير ۽ ننڊ جو پورو ڌيان رکيو ويندو هو. جڏهن مالش ڪري سمهاريو ويندو هوس ته ان ڪمري ۾ ڪنهن کي اچڻ نه ڏنو ويندو هو جيئن هو ڪچي ننڊ مان جاڳي نه پوي ۽ پوءِ روئي نه. امان

ممتا جي مبڻ

واڏايون هجنو سيٺ ليکرام -پنهنجون واڏايون چوندي چوندي بابا جو منهن ٿي نہ پيو ٽڪجي. سونيءَ جي آڳر پڪڙي بابا ڪالونيءَ مان جتان پيا نڪرن واڏايون پيون ورائجن. پر سوني ننڍڙي ٻار ڇا سمجهي تہ ڇاجون واڏايون! پر بابا جي خوشي ڏسي لڳي پيو تہ ضرور ڪا وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.

پوءِ ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن امان ڳُڏي جهڙي ننڍي ببوءَ کي هنج ۾ کڻي آئي تہ چيائين هي اٿئي تنهنجو ننڍڙو ڀاءُ. تڏهن سمجهہ پئي تہ ڀاءُ جي خوشيءَ ۾ واڏايون پيون ورن.

ببوءَ جو گول گول منهن، ننڍيون ڪاريون اکيون، سهڻيون آڱريون هڪ اڏيت عجب جي تاصير هئي.

ڇهين ڏينهن گهر جي حال کي رنگبرنگي فطيلن ۽ ڦوڪڻن سان سجايو ويو هو. روشنيءَ جو بہ خاصو بندوبست ڪيو ويو هو. امان بابا جي خوشيءَ جو تہ ڪو پار ئي نہ هو. ببوءَ کي گلابي ڪريف جي ريشمي فراڪ پاتي ويئي هئي. امان بہ گلابي رنگ جو ڪڙتو ۽ پتلون پاتي هئي. مٿان گلابي پوتي پائي منهن ٿورو ڍڪيو جڻ نئين نويلي ڪنوار پئي لڳي. جو گهر ۾ وڏا بابا ۽ گهڻئين مٽ مائٽ آيا هئا. سنڌين ۾ خوشيءَ جي موقعي تي گلابي ڪپڙا پائڻ جو

امان جي خوشيءَ جو پارو نہ هو. ننڍي هوندي تہ اسان کي سمجهہ ئي ڪونہ پئي تہ پريم تي ئي ڇو ايڏي ممتا لٽائي ويندي هئي؟ پر وڏي ٿيڻ کان پوءِ ئي اسان کي اهو راز سمجهہ ۾ آيو تہ ٻن ڌيئرن کان پوءِ پٽ ٿيو هو جنهن جو لاڏ وڏيڪ هو. ٻن ڌيئرن جي لاڳيتو ٿيڻ تي ڏاڏيءَ تہ روئي ڪٽي ڪن ڪيا هئا. امان کي اٿندي وهندي طعانا ڏيئي هن جو اندر ساڙي ڇڏيو هئائين. امان هيسجي ويئي هئي. پر پپوءَ جي ڄمندي ئي امان جي ڄڻ لاٽري لڳي وئي. هوءَ ڏاڏيءَ جي نظر ۾ ئي نہ پر بابا ۽ سماج جي نظر ۾ بہ چڙهي ويئي هئي. گهر جو وارث، ڪُل جو ديپڪ ۽ ڇت جو چراغ هو پپو. امان جي اکين جو تارو. اسان ٻنهي ڀينرن بہ ممتا سان هن کي پاليو. ڇوندا آهن وڏيون ڀينرون بہ ماءُ جو روپ ٿينديون آهن.

بابا ڇوڪرين کي گهڻو پاڙهڻ جي خلاف هئا. بس چوندا هئا ڇوڪرين کي تہ مان ايترو ئي پڙهائيندس جو اؤکيءَ ويل پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. پر پريم کي تہ مان قرض وٺي بہ پڙهائيندس جيتور هو پڙهڻ چاهي.

ٿيو ابتو. پريم کي پڙهڻ ۾ چاهہ هو ڪونہ. پر سونو ۽ وڏي ساوتريءَ کي پڙهڻ جو اهڙو جنون هو جو بئي لڪي لڪي پڙهنديون هيون ۽ اوچ شڪشا وٺي وڏن عهدن تي نوڪريءَ تي بہ لڳيون. پريم انجنيئرنگ ۾ ايڊميشن ورتو. پئسي جي بوتي تي ڊگري حاصل ڪرڻ اچ ڪلهہ جو فيشن

اشارن سان ٻالهائيندي هئي ۽ چپن تي آڱر رکي اسان کي چپ رهڻ جي حدايت ڪندي هئي.

مالش ڪرڻ مهل نڪ چنهنبارو ڪرڻ لاءِ هن کي ايزائه ايندو هو ۽ هو ڏاڍو روئيندو هو پر امان جو چوڻ هو ته نڪ منو تي ويس ته وڏو تي هو چوندو هيءِ پڪوڙي جهڙو نڪ ماڻ پيءُ جي نشاني آهي. روئڻ تي امان چوندي ته روئڻ ٻارن لاءِ ڪسرت آهي. ان سان ڦڦڙ مضبوط ٿيندا. پوءِ پپوءِ کي مني تيل سان سرير جي مالش ڪري سنان ڪرائيندي هئي. سنان کان پوءِ سرمو پائيندي هوس ۽ بدڙيءِ وانگر ٻنڌڻ ۾ ٻڌي کير پياري پوءِ لولي ڳائيندي هئي-

منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو مان پاٽي پيرڻ تي وڃان منهنجي پراڻ کي لوڏيو مان پاٽي پيرڻ تي وڃان

پريم ڪافي ڪلاڪ آرام سان سمهيو پيو هوندو هو ته امان کي چنتا ٿيندي هئي هن جو ڳلو سڪي ويندو ان ڪري ڦودينې جون ٽڪيون ۽ نندا ڦوٽا ڪٽي چاٽي تمام سنهڙو چاٽو تيار ڪندي هئي ۽ وقت به وقت هن کي چٽائيندي هئي. ان وقت پپو نندڙن چپن کي چوري چاٽو چٽيندو هو ته اسان کي ڏسي مزو ايندو هو.

اسان مان ڪير ٻار پريم وٽ پهچندو هو ته امان اسان کي پري ڪري چڙيندي هئي چوندي، ’پري ٿيو پري ياڻ کي ايزاءُ اچي ٿيندو.‘

پريم سان گڏ ٽريننگ پيريڊ ۾ گڏ رهيل ممتا تي هو دل لڳائي ويٺو. هو پنهنجي ئي پيار جي جهولن ۾ جهولڻ لڳو. ممتا کي ڪڏهن پارڪ ته ڪڏهن پڪچر، ڪڏهن هوٽل ته ڪڏهن ڪيفي ۾ گهمائڻ کان ئي هن کي فرست نه هئي. هو پلا پيئرن جو ڏيان ڪري سو ڪري ڪڏهن؟ اها ڳالهه گهڻا ڏينهن لڪي نه سگهي. جڏهن امان کي خبر پئي ته هن کي سمڪ پئي.

امان پريم کي چيو، 'پٽ پهرين نياڻين جو ڪارج ٿئي ته پوءِ تون به شادي ڪج. وڏيون پيئرون ويٺيون هونديون ته پوءِ ويهجي ويندين. ڇوڪرن جي شاديءَ ۾ ڪو سنڪٽ ڪونهي.

پر پريم بيڪار جي پچڙن ۾ پوي ڇو؟

امان ته چاهيو ٿي ته هوءَ پنهنجي پسند جي نونهن وٺي جيڪا خانداني هجي ۽ گڏيل ڪٽنب ۾ رهي سگهي. پر پريم ته روز اچي هشر مچائڻ شروع ڪيا.

امان به لاچار ٿي چيس، 'سوچي سمجهي قدم وڌاءِ. ائين نه ٿئي ته گهر جهلائو ڇوڪري نه وٺي اچين ته پوءِ پڇتائڻو پوي.

پريم نڪ جواب ڏنس، 'امان تون ته انهين حساب سان منهنجي لاءِ ڪابه ڇوڪري ڪونه ڳولهي سگهندينءَ. ڪڏهن چئين هن جو خاندان نيڪ نه آهي. ڪڏهن چئين هيءَ ٿُلهي جهڙي مينهن، ڪنهن جو نڪ پڪوڙو ته ڪنهن

تي ويو آهي. پڙهڻ ۾ ڌيان گهٽ ۽ گهمڻ مستيءَ ۾ وڌيڪ هوس.

هر مهني پريم جي پڙهڻ جي ڳري رقم موڪلي ويندي هئي. جنهن سان بجٽ بگڙي ويو. بابا ته نياڻين کان هڪ پئسو به ڪونه وٺندا هئا. خرچ جي چنتا ۾ هڪ ڏينهن بابا کي اهڙو دل جو دورو پيو جو بابا اسپتال ويندي ويندي هميشه لاءِ اسان کي ڇڏي ويا.

هاڻي گهر جي زميداريءَ وڏي ڀيڻ ساوتريءَ سنڀالي. هن پريم جي مٿي تي هٿ رکيو ۽ هر مهيني وڏي رقم هن کي انجنيئر ٺاهڻ ۾ موڪلڻ لڳي. گهر ۾ رکي سگهي ڪانه ئي ڪم هلي ويندو پر هو پرديس ۾ دکي نه ٿئي. اسان سڀني جي اها ئي ڪامنا رهندي هئي.

پنجن سالن کان پوءِ پپو شان سان انجنيئر ٿي مونيو. هن کي تمام سٺي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري به ملي ويئي.

پريم شروع کان ئي خرچيلو هو. دوستن سان پڪچربازي، هوٽلن تي ڊنر ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جو شونق ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو.

انجنيئر ڇوڪري لاءِ ڀلا مائٽين جي کهڙي ڪمي؟ شاديءَ لاءِ رشتا اچڻ لڳا. هاڻي امان ڀيرين ڇوڪرين کي اڪلائڻ لاءِ پريم جا ڪن کائڻ لڳي. پر پريم پنهنجي مستيءَ ۾ ئي پورو.

اڳيان جڻ اونده اچي ويئي. امان جي ممتا جو محل پر پرائي ريت جيان اچي پٽ پيو. الڳ رهڻ کان پوءِ ته ڏڻ وار تي ئي هو ماءُ سان گڏجڻ ايندو هو. ان وچ ۾ هو ٻه ٻن ٻارن جو پيءُ ٿي ويو ۽ ڪافي گهر جون زميداريون هن تي اچي پيون. پر وڏي ڳالهه هئي. ساهري پاسي هن جو لاڙو ويو وڌندو. سس سهرو، سالا ساليون ئي هن جو ڪٽنب پريوار هو. هتان جو موهه هن پلي ڇڏيو.

امان ڪي به ٻڌاپي اچي گهيريو. وري ساهه جي بيماريءَ ايڏو هلاڪ ڪيس جو هوءَ ڏينهون ڏينهن وئي ڍرڪندي. وري پٽ جهڙو هيرو جو هن جي هٿن مان نڪري ويو هو ته هيڪارين هن کي چنتائن ڏيڙو ڪري ڇڏيو. موهه جي وس هوءَ پريم کي اچڻ لاءِ فون ڪرائيندي هئي ۽ هن جي نه اچڻ تي ڏيرئن جو مٿو کائي ويندي هئي ته مونکي پريم جي سڪ لڳي آهي.

آخر ڇوڪريون به نوڪريءَ واريون هيون. اهي ٻڌي ماءُ کي سنڀالين، گهر سنڀالين يا نوڪري ڪن؟

هڪ ڏينهن پريم آيو ته ماڻس چيس، 'پٽ توکي ڇا ماءُ جي سڪ ئي نٿي لڳي؟ منهن نٿو ڏيکارين. سچ چيو اٿئون مائٽ آهي ميڻ اولاد آهي پٿر.'

پريم، 'امان تون اسان جي چنتا نه ڪر اسان مزي ۾ آهيون.' ائين چئي هوءَ رمندو رهيو. ساوتري گيٽ تائين ڇڏڻ ويس ته پريم چيس، 'ديدي، مان ڪار وٺي رهيو

جا هٿ اگربتيون ٽنگون ميڻ بتيون انهيءَ ڪري مون تنهنجي مشڪل سولي ڪري ڇڏي آهي. تو لاءِ نونهن ڳولهي ورتي آهي شادي بہ مان انهيءَ سان ڪندس. ڪجھ ڏينهن جي گرما گرميءَ کان پوءِ پريم ڪتيو امان اهو ڇئي ڪٿي بس ڪئي، سڄي عمر توکي هن سان نباهڻي آهي مان ڪهڙي عمر ۾ ويٺي هوندس؟' پريم تہ خوشيءَ ۾ نہ پيو ماپي. هِن ڏينهن جو ئي هن کي انتظار هو.

مسواڙ جي ننڍي جاءِ ۾ پريم ممتا سان شادي ڪري آيو.

ممتا ماڊرن، فئشنيبل ۽ گڏوگڏ خرچيلي ۽ نڪ چڙهي بہ هئي. گڏيل ڪٽنب ۾ رهڻ هن جي وس جي ڳالهہ تہ هئي ڪونہ. هر وقت سس ۽ نڙاٽن جون خاميون پئي ڪڍندي هئي. پريم جا ڪن پئي پريندي هئي جنهن سان هن جي دل ڏينهون ڏينهن ويو گهر مان ڪٽو ٿيندو.

ڪوشش ڪري ڪمپنيءَ جو ڪواٽر ورتائون ۽ جهٽ ممتا کي ڏاجي ۾ مليل سامان ڪٽي ان ۾ شفٽ ٿي ويا. پر ڪمپنيءَ بہ مسواڙ ۾ وڏي رقم ڪٽي ڇڏيندي هئي.

ان وچ ۾ پلاٽن جي نيلاميءَ ۾ پريم بہ هڪ پلاٽ ورتو پر هن وٽ پئسا تہ هئا ڪونہ. پلاٽ جي لاءِ بہ هن کي پينرن اڳيان هٿ ٽنگڻو پيو. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن لون وٺي ڪجھ ماءُ کان مدد وٺي هن جاءِ جوڙائي.

پريم جي گهر مان نڪرندي ئي امان جي تہ اکين

مهينا نڪري ويا پريم جو درشن درلڀ ٿي ويو.

سياري ۾ امان کي ساهه جي تڪليف وڌي ويندي آهي، چيائين، ’ساوتري پريم کي جلد گهرائي اچ منهنجو ساهه ڪڏهن نڪري وڃي؟ اهو ئي ته مونکي ڪلهو ڏيندو. تڏهن ئي منهنجو موڪ ٿيندو. ائين نه ٿئي ته منهنجا پراڻ نڪري وڃن ۽ ..... ساوتريءَ امان جي منهن تي هٿ رکي ڇڏيو.

پر امان جي کنگهه جو دؤرو شروع ٿي ويو.

دوا ڏيندي ساوِتريءَ چيس، ’امان تون دوا وٺ اسان پريم کي فون ٿا ڪيون.‘

پريم کي فونيون ڪيون ويون پر هاڻ ته هو ڪار وارو هو بيڪار ماڻهن وٽ اچي ڇو؟

آخر ساوتري آفِيس ۾ ويس ته پريم چيس، ’ديدي اڄ منهنجو ڊائريڪٽر ڪلڪتي مان اچڻو آهي، پروموشن جو پورو چانس آهي. هن کي هوٽل ۾ داوت ڏني آهي. اڄ صبر ڪيو سڀاڻي مان حاضر ٿي ويندس.

ساوتري ته سمجهي وئي پر امان مڙي ئي ڪونه.

ٻئي ڏينهن پپوءَ کي فون ڪري ٿڪا پر گهر ۾ چون آفيس ويو آهي آفيس ۾ چون سيٽ تي ڪونهي.

ٽئين ڏينهن امان جي تبيعت هيڪارين بگڙجي وئي. امان کي تاڻ صرف پٽ جي.

آخر ساوتريءَ کي پريم جي بنگلي تي وڃڻو پيو.

آهيان مونکي ٿوري مدد ڪيو.‘
ساوتريءَ روش مان ڇيس، ’قرض وٺي ڪار وٺ اڄ ڪالهہ بينڪون ۽ ڪار ڪمپنيون بہ لون ڏينديون آهن.‘
آواز ٻڌي امان سڏ ڪرڻ لڳس، ’پريم چا پيو چئين؟‘
پريم اندر اچي پنهنجي فرمائش رکي.
امان چيو، ’پريم پٽ اهي هاٿي پالڻا آهن. ڪار وٺڻ کان پوءِ بہ پيٽرول جو خرچ، ڊرائيور جو خرچ، اڄ هيءَ خرابي سڀاڻي هوءَ خرابي جڏهن تون ايترو ڪمائڻ لڳين تہ ڪار بہ ڪٺي وٺج. هينئر ڪهڙي ضرورت آهي؟‘ پريم روش سان، ’امان توکي خبر نہ آهي. اسان جي سڄي ڪالونيءَ ۾ سڀ ڪار وارا آهن وري منهنجو عهدو بہ وڏو آهي. آفيسرن سان لهہ چڙهہ آهي. آخر اسٽينڊرڊ تہ مينٽين ڪرڻو آهي.‘
امان، ’پوءِ پلي وڃي قرض وٺ.‘
پريم، ’قرض ارڙهان سينڪڙو آهي چڪائيندي ڇيلهہ پچي پوندي.‘
ساوتري، ’اسان وٽ بہ ڪا ڏراوت ڪونہ رکي آهي.‘
امان، ’چڱو هاڻي چپ ڪر، ياءُ ڪي تہ سهوئي ڪونہ. هان وٺ پريم (چوڙهيون سونيون هٿ مان لاهيندي) هاڻ مون وٽ ڪجھ بہ نہ بچيو اٿئي.
پريم، ’(خوش ٿي امان کي پاڪر ۾ پري) منهنجي سٺي امان‘ ۽ چوڙيون کڻي رمندو ٿو ٿئي.

اجهو تہ آيس.‘

ساوتريءَ جي ڪمري مان ٻاهر نڪرندي ئي ڪمرو ٺهاڪن سان گونجڻ لڳو.

هيڏانهن ساوتري گهر پهتي تہ امان آخرين شواس کڻي رهي هئي. هن جون جهڪيون اکيون بس در ڏانهن ئي يڪ ٽڪ نهاري رهيون هيون. ساوتريءَ پپوءَ کي يڪدم فون ڪيا. پپو پهچندو آيو اجان در تائين پهتو مس ۽ هڪ نظر ڏسندي ئي امان جو ڪنڌ هڪ پاسي بي جان ٿي ڍرڪي ويو. آخري گهڙيءَ ۾ امان پٽ جي هڪ جهلڪ ڏسندي ئي سرڳ جي دوار تي پهچي ويئي. هن کي صرف پريم جو انتظار هو.

پريم اهو نظارو ڏسي، ’امان‘ رڙ ڪندو اچي ماءُ کي چنبڙيو ۽ ڪيترات ڪري اوڇگارون ڏيئي روئڻ لڳو. پر امان هاڻ پرلوڪ هلي ويئي هئي. ممتا جي ميڻ جي هنن ممتا جي بندنن کان پري پهچي چڪي هئي.

ڏسي ٿو پريم جي گهر محفل لڳي پئي آهي. رم ۽ بيئر جون بوتلون کليون پيون آهن. سڄي ٽيبل مٺاين ۽ تعامن سان پري پئي آهي. هو پنهنجي پروموشن جي خوشي جي سيليبريشن ڪري رهيو هو.

ساوتريءَ کي ڏسي ٺهڪ ڏيئي چيائين، 'واه ديدي توهان ته ڇا موقعي سان آيا آهيو. ساوتريءَ ڏانهن مٺائيءَ جي پليٽ وڌائيندي ونو ديدي توهان به منهن منو ڪيو. منهنجو پروموشن آرڊر ڪلهه ئي اچي ويو آهي. مان سڀاڻي ضرور ايندس.'

ساوتريءَ ڏٺو پريم جا سالا ساليون، ساهرا مت مائٽ سڀ اتي موجود هئا. ساوتريءَ کي ڏسي هنن جا منهن لهي ويا.

ساوتريءَ روئيندي چيو، 'امان جي آخرين گهڙي اچي پهتي آهي هوءَ تنهنجي راه ڏسي رهي آهي. جيستائين توکي نه ڏسندي هن جا پراڻ اٽڪيا پيا هوندا.

پريم، (ٺهڪ ڏيئي) 'نه ديدي ايئن نه چئو، هاڻي ته مان امان کي ڪار ۾ پنهنجي بنگلي ۾ وٺي ايندس. ڇا ڪيان ڪجھ وقت کان تمام بزي رهيو آهيان.'

ساوتري، 'هاڻ هلين ٿو يا نه؟ مون وٽ وقت ڪونهين. تون جلد هل نه ته امان کي پٽ روپي تارو نه ڏسڻ تي سرڳ جي چاهنا اندر ۾ ئي رهجي ويندي.'

پريم،(مجبوريءَ ۾) 'چڱو ديدي توهان هلو مان

ايتري ۾ پنڊت چيو، ’ودا جي گهڙي نڪرندي ٿي وڃي تاري ۾ ئي ودا ڪرڻو آهي.‘

ڪويتا ساهري گهر قدم رکيو تہ هن ماءُ جي سکيا ڳنڍ ٻڌي ڇڏي. هن سس کي ماءُ، نڙان کي ڀيڻ سمجهي ان سکيا تي عمل ڪندي هن پهريون ڪرم ڪيتر رسوئيءَ کي ئي بڻايو، ڪويتا صبوح سوير اٿي ڪم هاج کي لڳي ويندي هئي جيئن وقت تي ڪم پورا ڪري سگهي.

اشوڪ گهر ۾ اڪيلو ڪمائيندڙ هو ۽ گهر وارا گهڻا هئا. ڏڻ وار، ڏي وٺ بہ اشوڪ جي پگهار مان ئي پورت ڪري ڪيا ويندا هئا. ان ڪري اشوڪ گهر جو اسٽينڊرڊ ٺاهڻ لاءِ نوڪريءَ واري ڇوڪري ورتي جيئن هن مهانگائيءَ کي منهن ڏيئي سگهجي.

ڪويتا جي موڪل بہ ختم ٿي ۽ اُها بہ ڊيوٽيءَ تي وڃڻ لڳي. پهرين تہ اشوڪ هن کي اسڪوٽر تي آفيس ڇڏيندو پوءِ پنهنجي آفيس هليو ويندو هو. پر پوءِ روز اهو خفو هن ڪان سنو نہ ٿيو ڇو جو اشوڪ جي آفيس هئي ٻئي چيڙي تي ان ڪري ڪويتا پوءِ بس ۾ اچڻ وڃڻ لڳي.

بس ڪڏهن وقت تي نہ پهچندي هئي تہ باس چوندو هوس، ’هيءُ وقت آهي ڇا توهان جي آفيس اچڻ جو؟‘

ڪويتا جو سنو سڦرو موڊ سڄي ڏينهن لاءِ بگڙي ويندو هو. من ۾ سوچيندي بس تي تہ هن جو ڪو وس ئي ڪونهين.

هن جو وجود

ڌيءَ آهي پرائو ڌن اهو چوڪرين لاءِ انهن جي جمڻ گهڙيءَ کان ئي چيو ويندو آهي. ڪويتا جي ودائيءَ جي گهڙيءَ اچي پهتي آهي. هيءَ گهڙي ماءُ پيءُ جي لاءِ ايتري نه دکدائي تي ٿئي اهو ته اهو ته جاڻي سگهي جنهن کي تن کي لڳي هجي. آنديءَ جي ٽڪري کي پرائي گهر موڪليندي جڻ هيانءُ ڪاجي ٿو وڃي.

اها گهڙي ماءُ ۽ ڌيءُ لاءِ خاص ڪري اهميت ٿي رکي. ماءُ ڌيءُ کي ڀاڪر ۾ ڀري وڇوڙي جي درد سان ڀرپور ودائي جي آخري سکيا جا اکر ٿي دوهرائي، ’پٽ هاڻي تون پنهنجي گهر ٿي وڃين هاڻي ٻنهين ڪُلن جي لڄ رکج ۽ ٻنهين ڪُلن کي تارج. هندو استري جنهن چائنٽ ۾ پير وجهندي آهي ٻاهر ارٿيءَ تي ئي نڪرندي آهي، اهو ياد رکج. سس کي ماءُ جي روپ ۾ نڙان کي ڀيڻ جي روپ ۾ ۽ ڏير کي ڀاءُ جي روپ ۾ ڏسنديءَ ته تو کي هتان کان وڌيڪ آدر ۽ پيار ملندو. پنهنجي سک جي چنتا نه ڪري ٻين جي سک جي چنتا ڪج ته هميشه سک ماڻيندينءَ.‘

ايترو چوندي ٻئي روئڻ ۾ اچي چڙڪيون. هر هندو ماءُ ۽ خاص ڪري سنڌو ماءُ ته هر ڌيءُ کي ودا مهل اها ئي سکيا ڏيندي آهي.

بيمار ٿي پوندو هو پر ڪوبہ گهر جو ڀاتي هن جي وڏائي نہ ڪندو هو. سڀ چوندا هئا ڪويتا ئي ٿي گهر جو ڪم ڪري ۽ هر ڪو ٿو ڪري.

صبوح جي چانهن ناشتي جو ڪم لاهي ڪويتا روٽي ناهڻ جي تياري ڪندي آفيس لاءِ ٽفن پائيندي ڊوڙ ڊڪ ۾ آفيس پهچندي وري گهر ايندي چانهن ۽ روٽيءَ جي ڪم ۾ جنبي ويندي هئي. پر من کي تسلا ڏيندا هئا هن جي ماءُ جا مٺا وڻ جيڪي ودا گهڙيءَ ۾ هن کي ڏنا ويا هئا. ٻين لاءِ جيئڻ جو سڏانت رات جو بہ ٿئي ٽي.وي. ڏسڻ ويهي رهندا هئا. ڪڏهن پڪچر، ڪڏهن ڪرڪٽ تہ ڪڏهن گانا.

اڄ بہ رات جا يارهان اچي ٿيا آهن. اشوڪ ماءُ جي گود ۾ ليٽيو پيو آهي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي ماٽس اشوڪ جي وارن ۾ پيار سان آڱريون ڦيري پٽ تي ممتا لٽائي رهي آهي. ايتري ۾ اشوڪ ڪويتا کي سڏ ڪري، ’ڪويتا پاڻي تہ پيار.‘

ڪويتا تري ۾ پاڻيءَ جا گلاس ڪٽي پاڻي پياري پنهنجي ڪمري ۾ اچي ٿي چيلهہ تي زور ڏئي هن جي منهن مان آهہ نڪري ٿي وڃي. هوءَ ايڏو ٿڪ ٿي محسوس ڪري ۽ سوچي ٿي جڻ هن گهر ۾ هُن جو ڪو وجود ئي ڪونهين.

ايتري ۾ وري اشوڪ سڏ ڪندي ٿو چويس، ’پليز

گهر اچڻ ۾ بہ ڪڏهن ليٽ ٿي ويندي تہ سڀ اچي ورائيندا هئس. اڄ تہ اشوڪ هن کان اڳ گهر پهچي ويو هو. شڪي نظرن سان ڏسندي چيائينس، ’جناب جي سواري ڪٿان پئي اچي؟ ڪٿان تفريح ڪري آئي آهين؟‘

ڪويتا جو دماغ گرم ٿي ويندو هو. هڪ تہ آفيس جي ٿڪاوٽ ٻيو باس جو غصو. اشوڪ جا اکر جڻ هن جي ڪنن ۾ زهر اوتي ويا. انهن ئي ڪپڙن سان رسوئيءَ ۾ گهڙو وئي ۽ شام جي چانهن ۽ ناشتو ٽيبل تي سجائي ڇڏيائين.

ڪويتا جي سس ۽ نڻان ڪنهن ڪم ۾ هن جي مدد نہ ڪنديون هيون هيڪاري ٻيون اشوڪ جا ڪن هن جي خلاف ڀرينديون هيون. جڏهن ڏس تہ پاڙيوارن سان ٻيون سڄي ڪالونيءَ تي چٽرون پيون ڪنديون هيون. ڳالهين مان هنن جو پيٽ ئي نہ ڀربو هو. جڏهن ڪم ۾ مشغول ڏيکارڻ جو ڏيکاءُ ڪندي روٽي اچي ٽيبل تي لڳائينديون هيون. اڄ بہ ائين ئي ٿيو انيتا گرما گرم پڪوڙن جي پل... ...ءُ اڳيان رکي تہ هو خوش ٿي انيتا جون وڏايون ڪرڻ ...و ’واهہ ڀيڻ هجي تہ اهڙي.‘

ڪويتا کي صفائي ڏيڻ جو موقعو ڪڏهن نہ ملندو هو جو اشوڪ گهر وارن جي برخلاف هڪ حرف بہ ٻڌڻ نہ چاهيندو هو.

آفيس جي ڪم ۽ گهر جي ڪم ڪرڻ ڪري ڪويتا ايڏي تہ ٿڪجي پوندي هئي جو هن جو سرير تہ ڄا من بہ

آئي پر مٿو ڦري وڃڻ سبب هوءَ وڃي ڏرتيءَ تي ڪري ۽
بيهوش ٿي وئي. هن کي مٿي تي به گِهري چوٽ لڳي.
يڪدم هن کي اسپتال پهچايو ويو ۽ اشوڪ کي آفيس مان
فون ڪري گهرايو ويو.

اشوڪ اسپتال پهتو پر هن جا هٿ پير ڪم ئي نه پيا
ڪن. چوندا آهن جيڪر گاڏي پٽي تان پنهنجي رفتار
سان نيڪ هلي رهي آهي ته مسافر هن جي ڪابه پرواهه نه
ڪندا آهن پر جئين ئي گاڏيءَ هلڻ ۾ ڪا رنڊڪ ايندي
آهي ته سيني جو ڌيان ان رنڊڪ کي پري ڪري گاڏي
وري هلائڻ ۾ لڳي ويندو آهي.

اشوڪ ڏٺو ڪويتا بيهوش پئي آهي. هن جو منهن
پيلو هيڊ لڳو پيو آهي. ڳل اندر پئجي ويا اٿس. اکين
هينان ڪارا داغ ٿي پيا اٿس. هن کي ڪويتا جي پهرين
ملاقات ياد آئي. هن جا گلابي ڳل ئي هن جو من چورائي
سگهيا هئا ۽ اڄ هن جي اِها حالت ٿي وئي آهي. هن ترس
جوڳ حالت کي ڏسي اشوڪ کي ڪويتا تي ترس اچڻ لڳو.

ڊاڪٽر تپاس ڪري ڊرپ چاڙهي ڇڏي هئي.
جڏهن هوش ۾ آئي ته عجب ۾ پئجي ويئي ته هوءَ اسپتال
۾ ڇو؟ اشوڪ هن کي تسلي ڏيندي چيو، ’تنهنجو مٿو
ڦري ويو هو ۽ تون بيهوش ٿي وئينءَ ان ڪري توکي هٿ
اچڻو پيو. سڀ نيڪ ٿي ويندو.‘

تپاس ڪندي ڊاڪٽر چيو، ’مريض کي سائي تي

ڪويتا هڪ ڪافيءَ جو دؤر ٿي وجي، گهر ۾ ئي پڪچر حال جو مزو اچي وجي.'

ڪويتا ڪنڌ هيٺ ڪندي رسوئيءَ ۾ وجي ٿي ڪوپ ٽري ۾ ڪٽي اچي ٿي ڏئين.

ڪمري ۾ اچي ته سادا يارهان ٿيا آهن. هن کي ته صبوع جو ٻه سويل اٿڻو آهي. اشوڪ ته ٻه دفعا بيڊ ٿي پي پوءِ ئي بسترو ڇڏيندو آهي.

چوندا آهن من جي ڳالهه ڪنهن سان نه سلجي ته ڪان ۾ اڌ هيءَ وانگر دک ٻه سرير کي پورو ڪيو ڇڏي.

ڪويتا جو اندر ٻه ويو ڪاڇندو، ڪائڻ پيئڻ جو ٻه هوءَ ته سپني جو ڌيان رکندي هئي پر پيار سان هن کي ٻه کير ڪارائي ته تن کي لڳي.

ڪڇ ڏينهن ڪان ڪويتا جي تبيعت ڍلي پئي لڳي پر گهر وهڻ ڪان ته سنو هو هوءَ آفيس وجي هلي. هن جو وقت سنو ڪٽجي ويندو هو. گهر ۾ ڏينهن جڻ وڌي ويندو هو ۽ بور ٿيندي هئي. هن کي لڳو ڪم هن ڪان پڄي ئي نه پيو.

پر ته ٻه گهيلي گينداڙي سرير ڪان ڪم پئي ڪندي هئي. پر اچ جڻ سرير مان طاقت نپوڙجي وئي هئس.

اڙي ڀائي سرير ٻه آهي هڪ مشينري جئين مشين ۾ خرابي ٿي وجي ته هن جي سار سنڀال ڪرڻ ضروري آهي. لاپرواهيءَ جي نتيجو اڳرو نڪتو. ڪويتا آفيس ۾ ته

هاري بيماري سرير سان لڳل هوندي آهي ان جو علاج ڪبو تڏهن ماڻهو ٺيڪ ٿيندو.'

انيتا، 'پر ممي سڄي گهر جي روٽي ۽ ڪم بابا مون کان تہ ڪونہ ٿيندو.'

ماڻس، (ڌمڪائيندي) 'ٿيندو ڇو نہ؟ ڪويتا بہ تہ ڪندي آهي. تون بہ هاڻي شاديءَ لائق آهين پرائي گهر ويندينءَ تہ ڇا پلنگ تي ويٺي حڪم هلائيندينءَ؟'

انيتا چپ ٿي ويئي. سڄي مستي ڪافور ٿي ويس. نهيو نڪيو ٽڪر ملي تہ ماڻهو مست ٿيو وڃي ڪم ڪرڻو پوي تہ پري پئجيو وڃي.

شام جو اشوڪ ماڻس کي اسپتال ڇڏي آيو. صبوح جو واپس وٺي آيو. پر ڇئن ڏينهن ۾ ئي گهر جو چرڪو ڇين ڇين پيو ڪري. وقت تي نڪو روٽي نڪو چانهن. صبوح جو اشوڪ ٽيبل تي ويٺو هٿ مهٽي.

انيتا منهنجو ناشتو ڪٿي اڇ. انتظار ڪان پوءِ، 'پلا ٽفن ئي ڏي تہ آفيس وڃان. پر اڻ وهيا ڏٻا پئي وهيا سو ڪم ڪيئن ٿئي. آخر اشوڪ غصي ۾ گهران نڪري ويو. ماڻ ڏيءُ هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳيون.

ماڻس، 'انيتا وقت ڏسي ڪم ڪبو آهي. تون سڄ ايرندي تائين گهوڙا وڪٽي سمهين پئي هوندي آهين. اشوڪ بکيو هليو ويو.'

انيتا، (باسڻ ڦٽا ڪندي) 'ممي مون کان نٿو ٿئي

پئي آهي، اهو مرض پراڻو ٿو لڳي، پر توهان ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو آهي. ڏسو هن جون اکيون ۾ هي ننهن اهي سائيءَ جون نيشانيون آهن. هاڻي ميرض کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن اسپتال ۾ پرتي رهڻو پوندو.'

اشوڪ شُٽ ٿي ويو. ڪويتا جي اهڙي حالت ٿي وئي آهي ۽ هن کي خبر ئي نہ پئي آهي. هن اُف نہ ڪئي آهي.

اشوڪ کي دوائن جو پرچو ڏيندي ڊاڪٽر ٻين مريضن ۾ لڳي ويو. گهر وڃي جيئن ئي اشوڪ ماءُ ۽ ڀيڻ کي ڪويتا جي اسپتال ڀرتي ٿيڻ جي ڳالهہ ڇئي تہ هو ٻئي هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳيون.

اشوڪ ضروري سامان کڻي اسپتال روانو ٿي ويو.

انيتا، 'ممي مونکي تہ پاپيءَ جي چال ٿي لڳي آرام ڪرڻ جي بهاني اسپتال ۾ رهڻ گهر جي ڪم کان بہ موڪل هيءُ سٺو بهانو آهي.'

ماڻس، 'نہ ائين نہ آهي. ڪجهہ ڏينهن کان ڪويتا برابر سست پئي نظر آئي. هاڻي توکي هيڏهان هوڏانهن ڌيان نہ ڪري گهر جي ڪم ۾ ڌيان ڪرڻو پوندو. مونکي بہ رات جو ڪويتا وٽ رهڻو پوندو.'

انيتا، (روئڻ هارڪي ٿي) 'ممي اهو سڀ ڪئين ٿيندو؟'

ماڻس، 'پٽ دک سک تہ جيون جا بہ پاسا آهن،

هئي. هن کي لڳو اڄ هن کي بخار تو چڙهي مٿو ڦرڻ لڳيس. هوءَ اڇي بستري تي ليٽي، انيتا کي سڏ ڪندي چيائين، 'انيتا پٽ پاپيءَ جي سنپال ڪجهه مونکي اڄي تپ چڙهيو آهي.'

انيتا جهنجهلائي چوڻ لڳي، 'ممي توهان ته به منت به ويهڻ نٿا ڏيو، مان به انسان آهيان ٿڪجان ته ٿي. مان ايڏو ڪم نه ٿي ڪري سگها.'

انيتا ٽي.وي. تي ويٺي ٽي نوڪي جواب ڏنس ته ماڻس جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. جنهن ڌيءُ کي هوءَ اکين تي رکي فخر ڪندي آهي اها ڪهڙا ته ڪتا جواب ٿي ڏئي؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪويتا ته ڪڏهن ڪورا اکر ڪونه ڳالهائي. ممي-ممي ڪندي هن جي زبان ئي ڪونه ٿڪجي. سڄو وقت ڪم ۾ رهندي به ڪڏهن شڪايت ئي ڪونه ڪري. انيتا کي هاڻي سڌارڻو ئي پوندو هوءَ ته پرايو ڌن آهي جي سس کي وڃي اهڙا جواب ڏنائين ته اسان جو نالو ته مٽيءَ ۾ ملي ويندو. ڪويتا سنسڪاري گهر جو ٻار آهي. اسان کي به هن جي شيوا ڪري خانداني جواب ڏيڻ کپي. اڄ مونکي بخار آهي ته ڪم ڪٿي ٿي ڪري سگهان؟'

ٻڍاپي ۾ مونکي ڪم ته پٽ ۽ ننهن ئي ايندا. جيڪر ڪويتا هينئر ئي ڪمزور ٿي وئي ته مان پوٽڙن پوٽڙين جو منهن ڪئين ڏسي سگهندس؟

چئن چئن جٹن جي ڪاڏي جو بندوبست.‘

ماڻس، ’چو نتو تئي؟ ڏينهن ۾ چار چار پيرا توکي پيت ڏتي سڀ ڪجهه کپي ڪک ڪٽي بيٺو نہ ڪرين. ماٺهو ڪم مهل ڪم ڪري راند مهل راند.‘

انيتا چپ تي ويئي منهن سجائي روئڻ هارکي تي ويهي رهي.

اشوڪ کي تہ ڪپڙا بہ روز هٿ ۾ ملندا هئا. اڄ ڪٽي ڪبٽ کولي تہ نہ ڪو ڪپڙو پريس هو. ڪنهن ۾ بٽڻ هو تہ ڪا خميس ادڙي پئي هئي. انيتا منهنجو ڪوبہ ڪپڙو پريس ڪونهين. ڪويتا هوندي تہ سڀ ڪم ٽپ ٽاپ هو.

انيتا ڇا جواب ڏئي.؟ ڪجهي جهڙي پيت.

غصي ۾ اڄ بہ اشوڪ هليو ويو.

هفتو ڪويتا اسپتال ۾ رهي پر تمام ڪمزور هئي.

ڊاڪٽر ڪويتا کي مهينو کن پوري آرام جي هدايت ڪندي گهر جي موڪل ڏني. پر ڪاڏي پيتي جو خيال رکڻ جي پوري هدايت ڪئي. اشوڪ بہ ڪويتا جو پورو خيال ڪرڻ لڳو. ميوو ڪتي هن کي منهن ۾ منٿون ڪري ڪارائيندو هو. ڪويتا جي سس بہ هن جي پوري سنڀال ڪندي هئي. وقت تي جوس ۽ سوپ وغيره ٺاهي تمام پيار سان پيارندي هئي.

ائين ڪندي هڪ ڏينهن انيتا ٽي وي تي پڪچر ڏسڻ ۾ مشغول هئي. ماڻس رسوئيءَ ۾ ڪم ڪري رهي

جا پڪوڙا.

سپ کائيندا انيتا جي ساراهه به تا ڪندا وڃن ۽ آڱريون چٽيندا چٽڪارا ڏيئي خوش تا ٿين. انيتا خوشيءَ ۾ پرجي اچي ڪويتا کي ڀاڪر پائي، ’هيءُ سپ پرتاپ اسان جي پياري پاپيءَ جو آهي هاڻي مان به سني روٽي ناهي ٿي سگهان ڪئين ممي؟ ۽ ها پاءُ سپاٽي مان توهان جي پسند جا دهيوڙا ۽ ڦول پتاشن جي پاڇي ٺاهيندس جو سپ هٿ چٽيندا رهجي ويندا.‘

اشوڪ، ’ڪنهن جا تنهنجا يا پنهنجا؟‘

انيتا پاءُ کي ان چيڙڻ تي مارڻ ٿي اچي.

اشوڪ ’انيتا سپاٽي پاڇي آفيس لاءِ سرس ڏجان ته بين کي ڪارائي تنهنجي ائڊورٽائيزمينٽ ڪيان ته من ڪو باندر تو تي ريجهي وڃي. انيتا شرم کان پنهنجي منهن کي هٿن سان لڪائي ماءُ جي گود ۾ لڪي ٿي وڃي. اڄ سڄو گهر تمام خوش آهي. ڪويتا جي صبر جو ڦل هو جو هن اڄ ماءُ جي سکيا تي هلي سس کي ماءُ ۽ نڙان کي ڀيڻ ناهي ورتو هو. هاڻي سس ۽ نڙان گهر ڇڏي ڪيڏانهن ڪونه ويندي هيون. ڪويتا جي گڻن جي تعريف ڪندي نه ٿڪجنديون هيون. سپ ڪم ونڊي ورهائي ڪنديون هيون. ڪويتا جي خوشيءَ جو ته ڪو نڪاڻو ئي نه هو. اڄ هن جو ئي وجود سڄي گهر ۾ هو.

سچ چيو ويو آهي ننهن بہ ڏيءُ ئي آهي. جڏهن هوءَ مونکي ماءُ تي سمجهي تہ هوءَ بہ منهنجي ڏيءُ ئي آهي.

انيتا ماءُ کي بيمار ڏسي چيو، ’ممي مونکي پاپيءَ وانگر سوادي روٽي ناهڻ نٿي اچي، اشوڪ بہ منهنجي هٿ جي روٽي دل سان نہ ٿو کائي.

ممي، ’پٽ کير بہ ماءُ جي پيٽ مان سکي نہ ايندو آهي. هر ڪم سکڻو پوندو آهي. سني روٽي ناهڻ زال-ذات جو هڪ وڏو هنر آهي. مڙد کي وس ڪرڻ جو اهو هڪ اهڙو وسيلو آهي جو پوءِ مڙد گهر ڇڏي ٻاهر ڪڏهن کائڻ کونہ ويندو.‘

ڪويتا هاڻ بلڪل نيڪ ٿي ويئي آهي. انيتا هن کان پڇي سنيون پاجيون ناهي کارائڻ ۾ دلچسپي وٺي رهي آهي.

اڄ ٽيبل تي روٽيءَ جو انتظار ٿي رهيو آهي.

اشوڪ، ’واهہ پاپئي اڄ ڇا تہ خوشبو آهي، انيتا پاپئي ڇا ناهيو اٿئي؟‘

انيتا، ’سرپرائيز پاءُ ٿورو انتظار.‘

اڄ انيتا ۾ گهڻو اچاءُ آهي. هن ڪويتا کان پڇي خود نئين ريسپي تيار ڪئي آهي. تمام خوشيءَ ۾ پرجي روٽي ٽيبل تي آڻي ٿي رکي.

اشوڪ ڏسي ٿو تہ شاهي ڪوفتن جي پاجي ۽ پنير

ڳهيري ورتو. هن اڌ ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ پبلڪ پارڪ ڏانهن هن جا پير ازخود وڌڻ لڳا. جتي اڪسر شانتي ۽ هو اچي پريم جو پينگون وڌائيندا. هنن زندگي ڀر گڏ رهڻ جون ڪسمون کاڌيون ۽ وائدا نڀاهڻ جا قول ڪيا.

شانتي ۽ شامن ٻئي هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا هئا. ان آفيس ۾ صرف شانتي ئي نه پر ٻيون ٻه ڳهٽئين ڇوڪريون ڪم ڪنديون هيون پر ڪڏهن ٻه شامن جو من هنن ڏانهن ڪا ڪشش پيدا نه ڪئي.

هڪ ڏينهن شانتي هن جي ٽيبل وٽ اچي چيو، منهنجي مٿي ۾ سور آهي مان ٿورو جلدي گهر وڃي رهي آهيان، مهرباني ڪري منهنجي ٽيبل جي ڪم جو به ڌيان رکندا ته مان ٻي اوني ٿي گهر وڃان.'

شامن اڄ هن کي چتائي ڏٺو، هوءَ تمام سادي سودي ڇوڪري هئي. هن جو رنگ چمپئي رنگ جهڙو اڇو هو، چهرو چندرما وانگر گول، اکيون ڪاريون ۽ چمڪيليون، وار ڪاريون ڳهٽائون پئي لڳا. ڪل ملائي خوبصورت ڇوڪرين مان هڪ هئي پر سادگيءَ جي ڪري هيڪاري هن ۾ چار چنڊ لڳي ويا هئس. شامن ڪنڌ هلائي ها چوي ان کان پهرين ئي هوءَ مني مسڪان اُڇلي گيٽ کان ٻاهر نڪري ويئي.

ان ڏينهن کان ڇو جو شامن هن جي ٽيبل جو ڌيان رکندو هو ۽ ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هو ان ڪري هنن جو هڪ ٻئي سان لاڙو ويو وڌندو ۽ وڌندي وڌندي هيءَ ايتري

شانتيءَ جي تلاش

اڄ شامن جو من ڪٿي لڳو ئي ڪونہ پئي. رات جو سمهين تہ ننڊ نيڻن مان غائب ۽ ڏينهن جو جتي وڃو اتي چئو. من جئين ويڳاڻو. تي ويو هجي. من مان ڪنهن شيءِ جي اڃا، لالسا ڄڻ مري وئي هجي.

انسان جو من ئي تہ آهي هن جي سرير جي گاڏيءَ جو ڊرائيور. من پٽڪيو تہ ڊرائيور ائڪسيڊينٽ ڪري وجهندو ۽ هتي تہ من سان گڏ سرير ئي بيمار ٿي پيو آهي.

تہ بہ شامن آفيس ۾ ٽفن کڻي مٿل من سان ويو پر جتي ڪرسيءَ تي وينو هو اتي وينو ئي رهيو. نڪو ٿي ڪو ڪم پڳس، نہ ڪو ڪنهن سان ڳالهائڻ. چرچو گهبو تہ پري جي ڳالهہ. من روئڻ روئڻ جهڙو پيو ٿي وڃيس. ڳوڙها اکين تي اچي واپس لڪي پئي ويس. مڙد ماڻهوءَ کي ڪير روئيندو ڏسندو تہ ڇا چوندو؟

پر دل ۾ درد هوندو تہ ڳوڙها تہ ايندا ئي نہ تہ اندر ئي سڙي ٻور ٿي ويندو.

آفيس ۾ گهٽوئي سيني ڏونڌاريس پر همراهہ اهڙو چپ ڄڻ اڄ موڻ ورت جو ارادو ڪري آيو هجي.

شامن اڄ پاڻ کي ايڏو اڪيلو پيو سمجهي ڄڻ آفيس ۾ ٻين جي حاظري جي هن کي سمڪ ئي ڪونہ هئي.

ماضيءَ جي يادين هن کي پنهنجي گهيري ۾

ويندي.

اينرو ٻڌڻ کان پوءِ تہ شامن پاڻ کي روڪي نہ پيو سگهي. هن آپگهات ڪرڻ جي ارادي کي مقمل ڪرڻ جي راهہ سوچي پر تڏهن هن کي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل پروچن ڏيان ۾ اچڻ لڳا جن جو سار هو:- 'آتم هتيا پاپ آهي. مشڪل کان ڀڄڻ جو هيءَ تمام غلط طريقو آهي. نراس ٿي انسان کي تڪڙ ۾ ڪو قدم نہ کڻڻ گهرجي. نراشا وادي ٿي دنيا ڇڏڻ کان سنو آهي تہ آشاوادي ٿي ويچارن کي سٺي پاسي موڙڻ جي ڪوشش ڪندي مڙس ٿي منهن ڏيڻ سان مشڪل تي وجيہ پراپت ڪري سگهبي.'

انهن ويچارن هن کي سنو موڙ ڏنو پر شانتيءَ جي يادين کان هو پاڻ کي آجو نہ ڪري سگهيو. هن جي يادين کان ڀڄڻ لاءِ هن من ۾ شانتيءَ جي چاهہ ۾ اتان بدلي ڪرائي ٻئي شهر ۾ هليو ويو.

ٻئي شهر ۾ وڃڻ سان ڇا من بہ ٻيو ٿيندو ڇا؟ من تہ انسان سان گڏ ئي آهي. هتي بہ هن جي نيڻن جي ننڊ حرام هئي ۽ هن جو من ڪٿي بہ نہ لڳندو هو. انهين ڪري هن جي صحت تي خراب اثر ٿيڻ لڳو. هو ڪمزور ٿيندو ويو ۽ آخر اهڙو بيمار ٿيو جو بستري داخل ٿي ويو.

بيهوشيءَ ۾ هن جي ماءُ پيءُ هن کي ساڳئي شهر گهر وٺي آيا. شيوا ٽهل، دوا درمل، آسيسن ۽ دعائن کان پوءِ هوءَ نؤ بنو ٿيڻ لڳو. صحت تہ سڌرڻ لڳي پر من اهو ئي

قدر وڏيو جو بئي آفيس ٽائيم کان پوءِ به پارٽ ٽائيم جو ڌڇو ڏيئي گهر دير سان موٽڻ لڳا. شام جو ڪنهن پارڪ يا ريسٽران کي آباد ڪندي هڪ ٻئي سان زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

شانتيءَ کي شامن هڪ ڏينهن سچي هيري جي منڊي ڏئي چيو، ’هيءَ منهنجي طرفان گفٽ اٿئي، هن کي آڱر مان نه لاهج. آڱر ۾ هوندي هيءَ منڊي توکي منهنجي ياد هر وقت ڏياريندي رهندي.‘

واقعي شانتي منڊي آڱر ۾ پائي ڇڏي پوءِ ته ڳالهه ڪٿي ٿي لڪي آفيس ۾ ته ڦهلجي پر گهر ۾ به خبر پهتي.

شانتيءَ جو پيءُ لکپتي هو. هن جو شانتيءَ جو ڪنهن معمولي ڇوڪري سان رشتو رکڻ ناگوار هو. هن شانتيءَ کي موڪل وٺارائي مهينو کن ٻاهر موڪلي ڇڏيو جئين شانتي شامن سان نه گڏجي سگهي ۽ هن جو خيال لاهي ڇڏي.

ان وچ ۾ شانتيءَ جي ڪا چٺي چپاٽي به ڪونه آئي. باقي هڪ لفافي ۾ سندس ساهيڙيءَ هٿان هيري جي منڊي باعزت شامن وٽ واپس موٽي آئي.

جڏهن ايتري قدر ڳالهه پهتي ته شامن ويڳاڻو ٿي ويو. ان وچ ۾ اها افواهه هئي ته شانتيءَ جي شادي ڪنهن لکپتي ڇوڪري سان ٺهه ٿي آهي ۽ هاڻي شادي به جلد ٿي

بيمار لڳو پيو هوس.

جنهن شانتيءَ جي تلاش ۾ هو پتڪيو ٿي ان جو علاج تہ لاعلاج هو، من جي شانتي هن کي ڪٿي نہ ملي.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هن محسوس ڪيو تہ شانتي تلاش ڪرڻ سان نہ ملندي جيستائين من ۾ شانتي نہ آهي. هن من کي شانتيءَ جي يادين کان آجو ڪري بئي پاسي لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪ ڏينهن گلابي گلن جو گلدستو ڪٺي ڪير آيو. ماڻس گلدستي ۾ گل سجائي رکيا ۽ اهو روز جو نيم ٿي ويو. روز تازا گل گلدستي ۾ ڏسي هن ماءُ کان پڇيو ممي هيءَ منهنجي پسند جي گلاب جا گل ڪير ڪٺي آيو آهي؟

ممي، 'آهي ڪير تنهنجو شپ چنتڪ.' ائين چئي هوءَ مسڪرائڻ لڳي.

هڪ ڏينهن شامن گل آڻڻ واري چور کي پڪڙي ورتو، هو بيو ڪير نہ پر هن جي اها ئي شانتي هئي. هن جي شانتي هن جي من جي شانتي.

شانتيءَ کي ڏسندي ئي هن عجب مان چيو، 'شانتي تون هتي؟ پر تنهنجي تہ شادي ٿي ويئي هئي، پر تو تہ ڪو سينگار ئي ڪونہ ڪيو آهي؟'

شانتي، 'پر منهنجي تہ شادي ڪونہ ٿي تہ سينگار ڪئين؟'

شامن، 'سو ڪئين؟'

شانتي، ’سو هئين، مون پهرين ملاقات ۾ ئي چوڪري ڪي اسان جي پيار جي داستان ٻڌائي ڇڏي ۽ هن پنهنجي انساني جزبات کان ڪم وٺي اسان ٻنهي کي ملائڻ ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو.‘

شامن، ’سو وري ڪئين؟ ڇا هن توسان شادي نہ ٿي ڪرڻ چاهي؟

شانتي، ’نہ اهڙي ڳالھ نہ آهي. منهنجي ۽ تنهنجي خوشيءَ لاءِ هن ان شاديءَ کان انڪار ڪري منهنجي ماءُ پيءُ جي دل کٽي ڪري ڇڏي ۽ انهن کي سمجهائي مڃايو. هاڻي تہ اهي بہ راضي ٿي ويا آهن ۽ اڄ شام جو توهان سان گڏجڻ بہ ايندا.‘

شامن جي خوشيءَ جو تہ پار ئي نہ هو. هن جو من اڄ شانت ٿي ويو هو. شانتيءَ جي تلاش ۾ هو ڪٿي جو ڪٿي ڀٽڪيو هو پر هن کي شانتي نہ ملي هئي. اڄ من شانت ٿيس تہ ڀٽڪو ختم ٿي ويس. سچ آهي شانتي من اندر هئڻ کپي، ان کي ڀٽڪائڻ سان شانتي پري ٿيندي ويندي.

اڄ تہ هن جي اندرين شانتيءَ سان گڏ هن جي پيار جي شانتي بہ هن سان گڏ هئي. مطلب تہ اڄ هو شانتيءَ جي تلاش ڪري چڪو هو.

اڄ هن جو من ايڏو هلڪو هو جڻ هوا ۾ پئي اڏاميو.

نريش ماءُ کي ڀاڪر ۾ ڀري مسڪرائي چوِيس ٿو.

ماڙس نريش جا هٿ پري ڪندي خفي ٿي، ’سندري سندري، سندري. ٻڌي منهنجا ته ڪن ئي پچي پيا آهن. مان تي ڇوان اهڙو آهي ڇا سندريءَ ۾؟ نوڪري ته مان نوهرن کي ڪرائڻ به نٿي چاهيان ڀلا نونهن نوڪريءَ تي ويندي ته منهنجي شيوا ڪير ڪندو؟ توکي ته خبر آهي ته مان دل جي مريض آهيان. وري ڳوڏن کان به لاچار. گوته گهر ۾ هجي نه شيوا ڪرڻ وارو.

نريش تڪڙا قدم وڌائي ٻاهر نڪري ٿو وڃي. ماڙس پٽيون ڏسندي رهجي تي وڃين. نريش ۽ پريش به ٻئي ته پٽ آهن ستيءَ جا. ننڍي هوندي ئي هنن جي مٿي تان پيءُ جو هٿ کڄي ويو ته ستيءَ پنهنجو رت ست ڏئي هنن کي پڙهايو ۽ لائڪيءَ لڳايو آهي. اهو احسان ته نريش به ڪون ڀليو آهي پر سندري هن جي ڪلاس فيلو آهي. ڇوڪري فهمتي، خانداني، سندر ۽ سليڪي واري آهي. صرف شاديءَ ۾ ڏيتي ليتي نه ڏئي سگهڻ جي ئي دير آهي نه ته نريش ۽ سندريءَ جي شادي ڪڏهو ڪو تي چڪي هجي ها.

نريش جو ننڍو ڀاءُ پريش به هن سال انجينئري پاس ڪري اچي نوڪريءَ تي لڳو آهي. ستيءَ هميشه دک درد ۾ زندگي گهاري آهي. هاڻي هوءَ پٽن جي ڏيتي ليتيءَ مان دل جا سڀ دبيل ارمان پورا ڪرڻ تي چاهي. پر نريش

صورت ۽ سيرت

پٽ نريش-ماڻس نريش کي سڏ ڪندي ٿي چوي، ’ٻڌين ٿو، تنهنجي مامي بمبئيءَ مان تو لاءِ مائٽي موڪلي آهي. ڇوڪري گريجوئيٽ آهي ۽ پڻس وڏو واپاري.‘ نريش تيار ٿيڻ ۾ لڳو پيو آهي ڪيس جلدي ڊسپينسري پهچڻو آهي. بوٽ ڪڍي پائڻ ٿو لڳي. ماڻس ڇوڻ جاري ٿي رکي، ’ٻڌين ٿو نريش لکيو اٿائين ته ٿي چار لک ڏيڻ ته هن لاءِ معمولي ڳالهه آهي.‘

نريش بوٽ تي برش ڦيري واش بيسن ۾ هٿ ٿو ڌوئي. ماڻس چوي ٿي ’اڙي تون ٻڌين به ٿو يا نه؟‘ نريش هٿ ڌوئي ٽوال سان اُگهي ڊريسنگ ٽيبل وٽ اچي ٿو. نريش کوبه جواب نه ڏيئي ڪنگي ڪڍي وارن تي ڦيريندي چوي ٿو. ها، ها ممي ٻڌان پيو. پوءِ پلا ٻڌاءِ ته سهين ته ڇوڪريءَ وارا توکي ڪڏهن ڏسڻ اچن؟

آئيني ۾ لاسٽ لڪ ڪندي هو منهن ٿو ڪولي.

پلا ممي اهو ته ٻڌايو ته سندريءَ ۾ اهڙي ڪهڙي ڪمي آهي جو توهان ٻين کي ڳولهي رهيا آهيو. سندري ايم.بي.بي.ايس. ۾ منهنجي ڪلاس ۾ گڏ پڙهي آهي ۽ هاڻي مون وانگر ڊاڪٽري پئي ڪري. اها چار لک ڏيتي ليتي نه آڻيندي ته ڇا آهي؟ هر مهيني چار ڇهه هزار تنهنجي ترِيءَ تي اچي رکندي. ڇا اهي گهٽ آهن؟

ستيءَ جي خوشيءَ جو نڪاٽو نہ هو. سندري ڪي مات ڏيڻ جو ان ڪان وڌو موقعو نہ هو.

لتا ڪنوار ٿي گهر ۾ آئي. پاڻ سان ايڏو ڏاجو ۽ ناڻو ڪٺي آئي جو ستي تہ ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپي. نونهن جي اول گهول پئي وڃي. هن جي چوويهہ ئي ڪلاڪ چمچاگيري پئي ڪري.

پر لتا اهڙي نخري ۽ نڪ چڙهي هئي جو چئي ڪٺي بس ڪر. هر وقت هڪ نوڪر هن کي پاڻي گلاس پيارڻ لاءِ بہ موجود هئڻ کپندو هو. مجال جا روٽي ٿاهڻ ۾ ڪا مدد ڪري؟ روٽي کائڻ وقت چوندي هئي تہ منهنجي پيڪن ۾ هڪ نوڪر منهنجي پنيان بيٺو هوندو هو جيڪو ضرورت مطابق پليٽ پائي پاڻي وغيره سروَ ڪري. رسوئيءَ ۾ وڃڻ تہ ماڳہ پر وقت تي ڪا شيءَ دير سان پهچڻ تي وٺي زمين آسمان هڪ ڪندي.

آخر چووينهن ڪلاڪن جو نوڪر رکڻو پيو. هن لاءِ الڳ ڪار خريد ڪري ڏيڻي پيو. لکپتيءَ جي ڌيءُ ڌرتيءَ تي پير رکي ڪيئن هلي. ڪار ۾ جڏهن من پويس خريداري ڪرڻ نڪري وئي يا ڪلب ۾ وڃي. ڪنهن پارٽيءَ يا سئنيما ۾ وڃي تہ هن ڪان پڇڻ جي ڪنهن جي جُرئت نہ ٿيندي هئي.

سڄو ڏينهن سس گهر ۾ هوندي ٻالهائيندي ڪونہ هئي ڪمري کي پڙدو لڳائي ويس وڳا پئي مٽيندي ۽

آهي جو مٿي ئي نٿو.

رات جا نو لڳي ويا آهن ڪاڌو ٽيبل تي لڳو پيو آهي. پر نريش اڃان نہ آيو آهي. هو تہ روز ستين بجي ئي گهر پهچي نوين بجي روٽي کائيندو آهي. پريس ۽ ماٽس پريشانيءَ مان چهل قدمي ڪري رهيا آهن. ايتري ۾ ڪار جو هارن ٻڌي ٻئي در ڏانهن ڀڄن ٿا.

نريش ۽ سندري ڪار مان لهن ٿا هنن جي ڳلي ۾ گلابن جي گلن جون مالهائون پيل آهن. ٻئي اچي ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي آسيس ٿا وٺڻ چاهين، پرهي ڇا؟ ستي ٻہ قدم پنتي هٽي ٿي وڃي. اهڙي اميد تہ هن ڪڏهن بہ نہ ڪئي هئي تہ ڪو نريش اهڙو نالائق نڪرندو. ماءُ جي رضامنديءَ بنان شادي ڪري هلي ايندو. ڪيڏو نہ ارمان هوس تہ نريش جي شادي ڌوم ڌام سان ڪندس، سڀ ارادا مٽيءَ ۾ ملي ويس.

ستي تکڙن قدمن سان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي در بند ٿي ڪري ڇڏي.

ڏينهن تہ تکڙا گذرندا ٿي ويا پر سندري جڻ پرائي گهر ۾ وقت ڪاٽي رهي هئي. شاديءَ کان مهينو کن پوءِ ستيءَ جو ڀاءُ بمبئيءَ مان آيو. ستيءَ کي دلاسو ڏيندي چيائين، 'ديدي، توهان دل ڇو ٿا لاهيو؟ نريش نہ تہ پريش ئي سهين ڳالهہ ڄئي ٿو رئي آهي. پريش کي ٿا لتا سان پرڻايون.

ڪوپ ۾ چانهن ناهي لتا کي ڏيندي چيائين، ’بسنتي موڪل تي وئي آهي مان ناشتو تيار تي ڪيان، توهان ٽيبل تي هلي اچو.‘ لتا چو ڪنهن جو احسان ڪٽي. هوءَ تہ سهي سنيري ٻاهر نڪري وئي. سس جاٽي سس جو گهر جاٽي. وني تہ هلي هوٽل تي.

سندريءَ سس کي نيرن ڪرائي ۽ روٽيءَ جي تياريءَ ۾ لڳي وئي. ستيءَ پاڇيون وغيره ڪٽي ڏنس پنهين گڏي مِسي ڪم ڪيو.

ٻئي ڏينهن سندري جلد اٿي نيرن ڪري منجهند لاءِ ٽفن تيار ڪري سپني کي ڏنا ۽ پاڻ بہ ڊيوٽيءَ تي رواني ٿي وئي. شام جو جيئن ڪلنڪ تان آئي تہ سسٽس بستري تي پئي سهڪي ۽ پگهر ريلا ڪري وهي رهيو اٿس. هڪ دم سندري سمجهي وئي تہ هيءُ هارٽ اٽيڪ جون نشانيون آهن. هن هڪ دم نريش کي فون ڪري ايمبولينس گهرائي ۽ سس کي وٺي هاسپيٽل وئي اتي هن کي پرتي ڪرائي سڀ فارميلٽيون پوريون ڪرايائين. ڊاڪٽر سان جاڻ سڃاڻ هئڻ ڪري ستيءَ جو هٿون هٿ علاج ٿيڻ لڳو. هن کي انسينٽيو وارڊ ۾ رکيو ويو. سندريءَ کي تہ هن جي شيوا ٽهل جو موقعو ملي ويو پوري لگن سان ڊاڪٽري شيوا ڪمايائين. رات جو پڻ سس وٽ رهي پئي ۽ پندرهان ڏينهن سس جي اهڙي شيوا ڪيائين جو ستيءَ جو دل جيتي ورتائين. وقت تي دوا ڏيڻ، جوس ڏيڻ ۽ اسپنج

سورهان سينگار پئي ڪندي هئي. پر ستيءَ کي هن نخري نار جا نخرا تہ ڪٽڪا ئي هئا.

اڄ آرتوار جو ڏينهن آهي. صبوح جا ڇهہ لڳي ويا آهن پر چانهہ اڃان ڪمرن ۾ ڪونہ پهتي آهي. ستيءَ ڏٺو تہ سندري سنان پاڻي ڪري چانهہ جي ٽري کڻي پئي آئي. ستيءَ منهن ۾ گهنج وجهندي چيو، ’ڇو تون چانهہ کڻي آئي آهين؟ بسنتي ڪيڏانهن وئي؟‘

سندريءَ سس کي پيري پئي چيو، ’ممي هوءَ تہ ڪلهہ ئي هفتي جي موڪل وٺي وئي آهي. سندس پيڻ سخت بيمار آهي.‘

ستيءَ چانهہ جو ڪوپ کڻندي چيو، ’پوءِ ڪم جو ڇا ٿيندو؟‘

سندري، ’ممي مون رات جا باسڻ صاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ بهاري بہ هڻي ڇڏي آهي هاڻي ناشتو تيار ڪرڻ ٿي وڃان. اڄ تہ آرتوار آهي منهنجي موڪل آهي. توهان خيال نہ ڪندا.‘

ستيءَ سمت جو ساهہ کنيو.

هتي لتا جي اک اٺين بجي کلي. هن کي بيڊ ٽي جي عادت هئي پر اڄ ٽي نہ ڏسي غصي ۾ چلائي چيائين، ’بنستي، او بسنتي! مري وئينءَ ڇا؟‘

ايتري ۾ در جو پڙدو هٽائي ٽري کڻي سندري گڊ مارننگ ڪندي مسڪرائيندي اچي لتا جي پير ۾ بيني.

چيڪ جي واپسي

مسٽر برائون آمريڪا جو ڪروڙپتي جوهري آهي. وديشي ماڻهو گهمڻ ۽ واپار ۾ آزمودا وڻڻ جا ڏاڍا شوقين ٿين. واپار جي لهه چڙهه به چڱي طرح پرکي وٺن. هندوستان ڏانهن هر وديشي جي نظر سوني جهڙڪيءَ جي روپ ۾ نظر ۾ سمايل آهي.

مسٽر برائون کي به واپار ساڱي هندوستان اچڻو پيو. هتان هن هيرن ۽ سون جي زيورن جي خوب خريدداري ڪئي. جڏهن موٽيو ٿي ته لک کن جي ڪوٽ پئجي ويس. واپاري وقت تي پئي واپاريءَ جي ڪم ايندا آهن. ياد ايندي ئي هو پنهنجي هندوستاني جوهري دوست ماليرام وٽ پهتو. ماليرام بنا هيل حجت جي هڪ لک جو چيڪ ڪٽي مسٽر برائون کي ڏئي ڇڏيو. مسٽر برائون ديش وري هڪ لک جو چيڪ ڪٽيو ۽ ماليرام کي موڪلي ڏنو.

وقت جي بلهار واپار ساڱي ماليرام کي پڻ آمريڪا وڃڻو پيو. خوب سون ۽

ڪرڻ وغيره ڏئي. سندريءَ پنهنجي لڪل ڳڻن جي ڄاڻ ڏيئي ڇڏي. لتا تہ بس، ’هي، هلو ڪرڻ ايندي هئي جڻ ڪا ڏاري آهي.‘

آخر ستي نيڪ ٿي گهر آئي. هاڻي سندري گهر ۾ بہ هن جي ضرورتن جو ڌيان رکڻ لڳي. ڊاڪٽرن سان صلاح ڪري ان مطابق علاج بہ ٿيندو رهيو.

ستيءَ جون تہ هاڻي جڻ اکيون ئي کلي ويون. سندري هر شام سس لاءِ تازو جوس وٺي ايندي هئي ۽ زوري هن کي پياريندي هئي. اچ جوس پيئندي ستيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن سندريءَ کي ڀاڪر ۾ پري ڳراٽڙي پائي پريم سان ڇاتيءَ سان لڳائي چيو، ’پٽ تو تہ مونکي ائين بچائي ورتوجو ڪا ڌيءُ بہ ماءُ جي شيوا نہ ڪري. مون جيڪا تنهنجي دل دکائي آهي ان لاءِ مونکي معاف ڪجائينءَ. مون اچ ڄاتو تہ نونهن بہ ڌيءُ جو ئي روپ آهي. اچ کان گهر ڌياڻي تون آهين. هاڻ ڪبٽ مان سون جو باڪس ڪڍي اچ. باڪس مان بہ ٿلها ڪنگڻ ڪڍي سندريءَ جي هٿن ۾ پائيندي چوي ٿي، ’ڪڏ ۾ پئي ڏيتي ليتي گهوريو اهڙو سون جو ڪن ڇني نونهن يا ڌيءُ جي سيرت ڏسڻ کپي نہ صرف صورت. سندريءَ کي اچ ماءُ ملي. هوءَ ستيءَ جي سيني سان لڳي ويئي.

مسٽر برائون چيو، ’اسان جي ديش جي ريت آهي تہ اسان ڪنهن بہ شيءِ جي ملڻ تي جيترو خوش ٿيندا آهيون. ايشور جي شيءِ هئي انهين ئي واپس ورتي ان ۾ دک ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟‘

ماليرام وائڙو ٿي ويو. افسوس ۾ هن جا پير اتي ئي سُن ٿي ويا. مسٽر برائون چيس، ’ڏيو مونکي اهو چيڪ واپس ڏيو. مونکي خبر آهي تہ هندوستاني ڪابہ شيءِ ملڻ تي خوب خوش ٿيندا آهن ۽ موٽائي وٺڻ مهل تمام دکي ٿيندا آهن.‘ ۽ مسٽر برائون چيڪ ڪينسل ڪري ڇڏيو ۽ ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڦٽو ڪري ڇڏيو.

هيرن جي خريداري ڪيائين ۽ نتيجو اهو نڪتو جو ٻن لکن جو ڪوٽ ٿي پيس. ياد آيس مسٽر برائون جي پنهنجپائيءَ سان هن جي دُڪان ۾ گِهڙي ويو. مسٽر برائون بنان هيل حجت جي ٻن لکن جو چيڪ ڪٽي ڪٽي ماليرام جي هٿ تي رکيو. ٻي ڪا منهنجي لائق شيوا؟ مني موهڪ مسڪان اچليندي چيو، ’سائين وڏي مهرباني.‘ چئي ماليرام جيئن ئي دڪان تان لٿو تہ ڇا ڏسي هڪ جنازو پيو ٿو اچي جنهنجي پنيان گهڻئي ماڻهو ڳائيندا ۽ نچندا پيا اچن.

ماليرام وائڙو ٿي واپس دڪان ۾ گهڙي مسٽر برائون کان پڇيو تہ ’هيءَ ڪنهن جو جنازو آهي؟‘

مسٽر برائون وراڻيو، ’هيءُ هڪ نوجوان جو جنازو آهي اُهو سٽت صبوع ئي گذاري ويو آهي.‘

وائڙو ٿي ماليرام چيو، ’ڏاڍي عجب جي ڳالهہ آهي توهان جي ديش ۾ هھڙي جوان جي مرڻ تي نچن پيا اها تہ تمام ڏاڍي ماتم جي ڳالهہ آهي.‘

ڏسن تہ نونھڻس روئي ڪٽي ڪن ڪيا آھن، ھنجون ڪٽي ھاريون اٿس، بس ئي نہ ڪري.

ھڪ چيو، ’پٽ تہ ھڪ ئي اٿس نونھن بہ اھا ئي اٿس ڏيءُ بہ پرڻجي ويس.‘

ٻئي ڏينھن ڳالھہ ٻولھہ جو نشانو نھالچند جي نونھن ھئي.

ھڪ چيو، ’نونھن جو سس ڏانھن ڪيڏو نہ لاڙو ھو، پائي نونھن ھجي تہ اھڙي! چا تہ روئي پئي. اڄ ڪلھہ جون نوھرون چون تہ اڄ سس مري سپاٽي ٻيو ڏينھن ٿئي. سس لاءِ روئڻ تہ ٿيو پري.‘

ٻيءَ چيو، ’ھا چوندا آھن تہ جيئري ڪين سنائينس ۽ مئي دب دب پٽيائينس.‘

ٽينئن چيو، ’خبر بہ اٿو، ’روٽي ھن عمر ۾ بہ پوڙھي پوڙھي الڳ رڌي پچائي کائيندا ھئا.‘

پھرينءَ پڇيو، ’اھو وري ڪئين؟ پلا ڪئين ناھيندا ھوندا؟‘

ٻيءَ چيو، ’آئي منھنجا تہ تاڪ لڳي ويا آھن پلا ڪئين ڪندا ھوندا؟‘

حقيقت هيءَ به

حقيقت ۾ ستسنگ ۾ زالون گهڻو ڪري ٻن طرفن جي فائدن لاءِ ويندڙيون آهن. اهو ستسنگ ۾ وڃڻ سان مونکي بخوبي معلوم ٿي ويو هو. پهريون فائدو هو ايشور جو نام جپڻ ۽ ٻيو هو ستسنگ کان پوءِ ڳالهيون ٻولهيون ڪري پنهنجي دک درد کي اوري هيانءُ هلڪو ڪرڻ يا سڄي شهر ۽ دنيا جون خبرون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ.

اڄ ستسنگ کان پوءِ ڳالهه ٻولهه جو نشانو هئي نهالچند جي زال جيڪا صبوع گذاري ويئي هئي.

هڪ ستسنگياڻيءَ چيو، 'ويچاري اٺن، نون سالن کان بيمار هئي. شايد ڪينسر جي بيماري هئس.'

ٻيءَ چيو، 'عمر به ڪافي هئس پٽ، پوٽا، ڏوهٽا وڏو اڀال هئس، چڱو ٿيو وڃي سکي ٿي.

پوءِ سڀ زالون گڏجي ميڙ ڪري نهالچند جي گهر زالن جي بينڪ ۾ ويون.

آمڙ جو عقص



ڪملا ٻتاڻي

تينئن چيو، ’بس مڙيو ئي پوڙهو پوڙهي لڳي ويندا هئا پيٽ پورتي تہ ڪرٽي ئي آهي ڪچو پڪو جهڙو تهڙو ڪائي پيا گذر ڪندا هئا.‘

پهرينءَ عجب وچان پڇيو، ’پوءِ هاڻي هو پيرسن ڇا ڪندو؟‘

اُها عجب ۾ پئي سوال جو انتظار ئي ڪندي رهي ۽ هڪ هڪ ڪري زالون بنان ڪنهن جواب ڏني پنهنجي گهر جي واٽ وٺي رمنديون رهيون.

پهرين اتي ئي ويٺي ويٺي انهن کي دير تائين ويندو ڏسندي رهي ۽ ڏسندي رهي جيستائين هو هن جي نظر کان اوجهل نہ ٿي ويون. اهو هڪ سوال هن جي ذهن ۾ ماندائتا هڻي. رهيو هو.